"ساهتي پبليڪيشن ڪنڊيارو جو ڇهريون ڪتاب"

گهرا گهرا گهاءَ

از: ظفر عباسي

ساهتي پبليڪيشن ڪنڊيارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساهتي پبليڪيشن ڪنڊيارو طرفان هونهار ڪهاڻيڪار
ظفر عباسيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو

گهرا گهرا گهاءَ

ليکڪ: ظفر عباسي

قيمت: ٠٠-٥ روپيا

دفعو پهريون

تعداد ١٠٠٠

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ثناءُ

ڪهاڻيون

- ... ۽ ڪونن ڪينا هلي
- ڪرت جي زڪوات
- ڇهري ٿي اڪريل سامهي
- ڪٿو پيا ڇا ٿيا....
- اسپيشل ڪيڊر
- ڳهڙا ڳهڙا ڳهاءَ
- غيرت جي باهه
- ۽ ڳوڻن ڪي زمين ڳهي ويئي
- منزل جي تلاش
- تنهنجو انتظار.....
- عشق ۾ ڳهاري
- سمرندا سريا، گيت گهه ڏبيا.
- هڪ ڏڪ ساڻ.
- ٻئي لٽي سپاهه....
- منهنجا مشاهدا.
- جنت جي ۾ سري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇپيندڙ:
شهباز پرنٽنگ پريس، ٽاڪ چاڙهي،
حيدرآباد، سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انتساب

مان پنهنجي ڪهاڻين جو هيءُ مجموعو ”گهرا گهرا گهاءَ“ پنهنجي شفيق استاد جناب سکيو خان چنا ڏانهن منسوب ڪريان ٿو، جنهن جي رهبريءَ، ڪاوش ۽ شفقت مون کي هن لائق بنايو آهي، جو هي رنڊا روڙي سگهيو آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻــــه اکــر

مون کي جڏهن پنهنجي محسن دوست مسٽر سمڪيو خان چنا هڪ ذهين جماعت جي طالب العلم سان تعارف ڪرائيندي چيو ته ”هيءُ نوجوان هڪ اديب آهي ۽ ادب جي مختلف صنفن مان ڪهاڻي سندس پسنديده صنف آهي. هن وقت هو پاڻ سان ڪهاڻين جو هڪ مجموعو ”گهرا گهرا گهاءَ“ کڻي آيو آهي، سندس خواهش آهي ته اوهان ان تي ٻه اکر لکو.“

مون دل ۾ سوچيو ته هن ٻار ڇا لکيو هوندو! ۽ آءٌ ان تي ڪهڙا ٻه اکر لکان، پر دوست سان انڪار نه ڪندي چيم ته ”چڱو دوست! مون وٽ مسودو رکي وڃي، مان ان جو مطلع ڪريان ۽ بعد ۾ جيڪڏهن مون کي ڪهاڻيون ڪنهن ادبي معيار تي اترندي نظر آيون ته ضرور ٻه اکر لکندس.“

جڏهن ڪهاڻين کي هڪ هڪ ڪري پڙهيم، تڏهن بي اختيار زبان مان نڪتو ته واه! يار آهي ته ننڍڙو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر سندس خيالات ڪيڏا نه بلند آهن. مطلب ته سندس محنت، ڪوشش ۽ ڪهاڻين جي سٽا من ڪي موهي وڌو ۽ مون سوچيو ته جيڪڏهن هھڙا ننڍڙا جوان به ڪر همت جي پڏي، ادب جي ميدان ۾ ڪاهي پيا ته قوم ۽ سنڌي ادب جي وڏي خدمت ڪري سگھندي.

مون جناب حميد سنڌي، ليلا بانا، مرحوم ثميره زرين امر جليل، نجم عباسي، غلام نبي مغل ۽ مرحوم نسيم کرل جي ڪهاڻين ڪي پڙهيو آهي، جيڪڏهن ظفرعباسيءَ جي ڪهاڻين جو معيار انهن اديبن جي ادبي تخليق جي معيار برابر نه آهي، تڏهن به ائين ضرور چئبو ته هو سندن مڪتب فڪر جو شاگرد ضرور آهي. ان مڪتب مان هن جا پنهنجي خيالن جي جوت جلائي، جستجو شروع ڪئي آهي، سا سندس ڪاميابيءَ جي ڀرپور ڪڙي ليکبي. هن نوجوان ڪهاڻين ۾ ڪردار سازي ڪندي، جنهن حقيقت کي پيش ڪيو آهي، ان جي ته ڪردارن کي زنده و جاويد ڪري ڇڏيو آهي.

هن ننڍڙي عمر واري ليکڪ سماج جي وڏن وڏن پنڊتن جي ڏاگهن کي پنهنجي قلم جي نوڪ سان نوڙي معاشري جي داغدار فردن جي عيبن جي نقاب ڪشائي ڏاڍي سهڻي پيرائي ۾ ڪئي آهي. هن امڙ ۽ اولاد جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جذبن کي جنهن انداز ۾ پيش ڪيو آهي، سو به رقت آميز منظر کان گهٽ ڪين آهي.

ظفر پنهنجي ڪهاڻين ۾ دوست جي دوستي ۽ سندس اخلاقي اصلاح جي، جا لفظن ۾ ڪوشش ڪئي آهي، تنهن مان ائين پيو محسوس ٿئي ته ڄڻ ان ڪردار جي پس پرده سندس ڪردار عيان آهي. اسپيشل ڪير جي ڪهاڻيءَ ۾ معاشري ۾ ٽيندڙ برائين جي عڪاسي قابل تعريف لفظن ۾ ڪئي ويئي آهي.

مطلب ته سندس ڪهاڻين جو مجموعو پارن؛ نوجوان اديبن ۽ معاشري جي عام فردن لاءِ دلچسپيءَ جو باعث بڻجي سگهي ٿو.

ان کان سواءِ آءٌ سندس خيالن ۽ مضمون جي سادگيءَ جي داد ڏيڻ کان رهي نٿو سگهان. ظفر واقعي لفظ سادا پر جملا، محاورا ۽ تمثيلون اهڙيون پيش ڪيون آهن، جي عين معاشري جو عڪس آهن. انهن مان سندس مشاهدي جي باريڪ بينيءَ جو به اندازو ڪري سگهجي ٿو.

مان ان مختصر جائزي بعد هنن ڪهاڻين کي هڪ دفعو وري پڙهندڙن جي راءِ تي ڇڏيان ٿو ته هو خود مطالعي کان پوءِ فيصلو ڪن ته ظفر جي ڪوشش ڪيتري قدر ڪامياب ٿي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان آخر ۾ هن ننڍڙي ليکڪ کي دلي دعا ڏيو ڪريان ته ”هو شل ادبي دنيا ۾ ماهتاب جيان چمڪي.“

لعل بخش ڪوڪر
ماهر مضمون اداره نصاب
و توسيع تعليم سنڌ، حيدرآباد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

".... ۽ ڪوٺن ڪين جهلئي"

دنيا ۾ ڪنڊ، ڪنڊ ۾ ملڪ، ملڪ ۾ صوبا، صوبي ۾ ضلعا ۽ تعلقا، تعلقي ۾ شهر ۽ ڳوٺ ۽ ڳوٺ ۾ حاويليون. وڏي، تمام وڏي، ڇوڏاري وڻن ٽڻن سان سينگاريل ۽ سنواريل، اندر باغ، پارڪ ۽ تلاءُ، ورانڊا، صفحا ڪوٺيون، باٿ روم، ڊرائنگ روم سليپنگ روم، ڪان علاوه وڏو آڳر پڻ.

هن هيڏي ساري حاويليءَ ۾ رهندڙ صرف هڪ ڄڻي ۽ اها آهي، هاٺوڪي وڏيري جي ڌيئڻ. سترهن سالن جي نوجوان ڇوڪري، اڊريل اپريل ۽ تيار ٿيل تير، سينڌي تي لٽڪيل، ڳان تي چلڪو ڇپن تسي سرخي اکين ۾ ڪجل، وارن ۾ ٻڪل، ٻانهن ۾ سونين چوڙين ڪان سواءِ، راڊو جي اوچي قيمتي واچ. ڪارن ڪارن انگڙ ونگڙ ٿيل وارن ۾ ٻڪل، ڪان سواءِ ڪانٽا به! سهڻو سهڻو ڀرت ڀريل چولو، ٽنگڙن سان ڀريل ڪانچ جا وڏا پاڇا ۽ سهڻو ۽ وڏي ڪڙيءَ وارو سئنڊل پيرن ۾ پاتل. مطلب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ هرشيءَ وٽس موجود هئي، پر جيڪا شيءِ ڪيس ڏيچاري ۽ چرڪائي رهي هئي، اها هئي تنهائي.

اهڙي تنهائي، جيڪا ڪڏهن ڪيس ڪائ ايندي آهي. ڪيس ياد آهي تہ سندس پيءُ جي جيئر هوندي بہ سندس وڏي ڀيڻ جي شادي ڪانہ ڪرا ويئي هئي. نيٺ هن تنگ ٿي، خودڪشي ڪري ڇڏ هئي. ان هوندي بہ هن جي پيءُ کي ڪو احسا ڪونہ ٿيو. ”چري ڪيئن ڇي ويرون ويس وڌ“ وتا فقير جي ڳالهہ وانگر تہ ”مئي سهائين پر ڏني نہ سهائين هن سوچيو هو تہ هاڻي اهڙي ذلت نہ ٿيي، سڌ مائٽ ڪو بندوبست ڪندا، پر انهن ڀئي کي ڏيڻ ڏ پئي سمجهي. ان ڪري ئي هو ذلت جي زندگيءَ اهڙي عزت جي موت کي وڌيڪ ترجيح ڏيندا هئا.

تڏهن بہ هن کي ڪجهہ آسرو ۽ اميد هئي، پر جي مرڻ سان ئي، سندس سڀ آسرا ۽ اميدون ڏ جي ڀاري ٿيائر هيٺان اچي چيپاڻجي ويا، ڇو تہ ڪيس ڪا اميد ڪين رهي ۽ هن کي ڪوبہ نہ رهيو.

اوچتو سندس سوچن جي وسائل دونهي سان چٽنگ ڏکي اٿي، تہ من ڪڏهن ڀاڻس اهو سوچي

”جڏهن اسان کي زال کپي ٿي، تڏهن عورت کي به ضرور سڙس گهر جي“ ۽ سوچڻ بعدئي ڪو سندس تدارڪ ڪري.

هوءَ اڃا سوچڻ جي نلڪي تان اڄ اجهائي رهي هئي ته سندس نظرون، پرڀان هڪ زيتون جي وڻ تي پون ٿيون، جتي کيس هڪ طوطن جو جوڙو نظر اچي ٿو. جن مان نر طوطو ٻڪل ٻڪل زيتون مان چڪ هڻي، چهنب ۾ جهلي مادي کي وات ۾ وجهي رهيو هو ۽ مادي نر جي وات وارو زيتون کائي، خوشيءَ وچان وڏي وڏي آواز سان ٻولي رهي هئي ۽ زماني وارن کي ٻڌائي رهي هئي ته ”هت اسان جهڙو ڪوبه خوش نصيب ڪين آهي.“

هوءَ اهو ڏسي، سوچي ٿي ته ”ڪاش ڪو هجي، جيڪو طوطي جيان مون کي به کارائي، پيار ڪري، محبت وندي. هن کي وري پنهنجو پاڻ تي جک اچن ٿا. منهن کي موڙو ڏيئي، باغ ڏانهن وڃي ٿي. اوچتو باغ ۾ وري کيس هڪ عجيب منظر ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هڪ ڏيڏري ۽ ڏيڏر به ساڳئي نموني پاڻ ۾ محبت ونڊي رهيا آهن.

هن کي ڪاوڙ ته ڏيي آئي پر وري به ويهي،

ڪين غور سان ڏسڻ لڳي. ڪجهه وقت کان پوءِ آهستي آهستي ڏيڏريءَ جي مٿان ڏيڏر چڙهيو ۽ پوءِ ٻئي هڪ ٿي ويا. ان واقعي به هن جي ٿڻن تي لوڻ ٻرڪيو. سندس ڇاڪ وري ڇڪي پيا. جذبا اڌما کائڻ لڳا. پر وري به هوءَ جذبن تي قابو پائي، ٿڻن تي ملم رکي، باغ، مان سوڻ لڳي ته ڏسي ٿي ته ماکي جو مکڙ گلاب جي گل کي ڇهنيو، منجهانئس رس چوسي رهيو آهي. سندس اندر مان وري اڌما اٿڻ شروع ٿين ٿا. هوءَ سوچي ٿي ته ڪو اڇي سائس به ڇهني پوي ۽ منجهانئس مٺي مٺي رس چوسي، مٺي ماکي ڏهي، پر وري ڪيس ڪاوڙ اچي ٿي ۽ خيالن مٿانئس لاءِ مٿي کي جهٽڪو ڏيئي اڳتي وڌي ٿي.

هوءَ ڏسي ٿي ته ٻه مکيون منهن منهن ۾ ڏيئي ڳالهائڻ پيئون. ٻون ٻون پيئون ڪن ۽ اوچتو ساڄي پاسي وارو مکو کاٻي پاسي واري مک جي مٿان چڙهي ويو. هي واقعو به وري کيس ساڳيئن سوچن ڏانهن گهلي ويو. پر وري به هوءَ پنهنجي دل کي دلاسو ڏيئي، ان واقعي کي نظر انداز ڪري، اڳتي وڌندي رهي ٿي.

رات پنهنجا پر پکيڙڻ واري هئي، هوءَ به جيئن ئي باغ سان سوني پئي آئي ته هن پنهنجي ڀاءُ جو آواز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌو، جيڪو هن حاويليءَ سان لاڳيتو ٻيءَ حاويليءَ ۾ زال سان گڏ رهندو هو. ”ثريا! تون ڪيترو نه پياري آهين؟“ هن چيو ”هروڀرو مون تي ٺوڪون نه ڪريو!“ ثريا وراڻيو. ”ٺوڪون وري ڪيئن ٿو ڪريا ثريا! مون کي تنهنجي سر جو قسم؛ نه مون کي تنهنجا هي ڳاڙها ڳـل، اڊريل اڊريل چاتيون، چيرويون اکيون ۽ ويڪرو منهن ايترو نه وڻندو آهي، جو دل چوندي آهي نه تو کي پنهنجي اندر ۾ وهاري ڇڏيان“

”پوءِ ويهاريو ڪٿي!“

”پر منهن جي وس ۾ نه آهي ثريا!– خدا جو قسم نه جا ڳالهه منهن جي هٿن، ڪاغذ جي نوٽن ۽ سرڪاري ڪاسورن جي وس ۾ هجي اها چئه نه ساڻ هينئر جو هينئر پوري ڪري سگهان ٿو.“

”نوٽ نه هر جائز ۽ ناجائز ڪم ڪرڻ ۾ ديـر نه ڪندا آهن، پر ڪڏهن تون به اڻ ٽيٽو ڪم ڪري ڏيکار نـه!“ هن ماڻو ڪندي چيو ”ثريا، ڇڱو ڇـڏ ڳالهين کي! هـاڻي هلي آءُ .... اورتي .... تمام اورتي هلي آ نه جيئن ساڻ اچ تنهنجي محبت جي رس چوسيان، توسان پيار ونڊيان ۽ عشق جي آگـ اجهايان .... هلي آ .... هلي آ .... اورتي .... تمام اورتي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو ڀڏي وڏيري جي پيڻ جا ارمان نئين سر اڀرن ڏا. هوءَ نيم بسمل ڪڪڙ جيان ڦٿڪندي تڙپندي اچي ڪمري ۾ پهتي. ڪمري جو در بند ڪري زيرو جو هلڪو گلابي بلب ”آن“ ڪري، اچي بستري تي ڪري هوءَ ڀهريائين ته ڪافي وقت انهن خيالن کان پاسو ڪندي رهي، پر پوءِ اهي خيال وِسينگ نانگ بنجي، نيٺ ڪيس ڏنگڻ ۾ ڪامياب بنجي ويا.

”ڪو هجي جيڪو منهن جي اچڻ کان ٿورڙو ئي بعد اچي .... ۽ درڪولي .... در جا چيڪاٽ ڀڏي، منهنجي اندر سان سِسراٽ نڪري وڃن، ۽ پوءِ هو وکون وڌائيندو، منهنجي بستري ڏانهن اچي. سندس مون ڏانهن وڌندڙ هروک، منهنجي هڪ هڪ اميد جي خواب جو تعبير هجي. ۽ جڏهن هو منهنجي بستري جي پرسان پهچي وڃي، تڏهن منهنجي ڇهري تان ڪپڙو هٽائي، منهنجو ڇهرو ڏسي، منهنجي حسن جي تعريف ڪري. ايتري تعريف، جيڪا منهن جي دل جي هر لڪل غم کي هڪلي ٻاهر ڪڍي، ۽ ان جي جاءِ وٺي. تعريف بعد هو منهن جي ڀسي بستري تي ليٽي پوي ۽ پوءِ ستي پئي مون سان ڳالهيون ڪري. مڙڻيون! مڙڻيون!! پياريون پياريون!! ۽ انهن ڳالهين ڀڏڻ سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي محبت جي شمع ٻري اٿي! ۽ پوءِ وري مان ساڻس پيار جون ڳالهيون ڪيان ۽ انهن ڳالهين ٻڌڻ سان وري هن جي پيار جو ديپ جاڳي ۽ پوءِ شمع ۽ ملي پوي - ٻرن .... گهڻو ٻرن ۽ گهڻي روشني ڪن.!
ائين سوچيندي سوچيندي الائي ڪهڙيءَ ويل، ڪيس ننڊ پنهنجي ڀاڪر ۾ آڻي ڇڏيو.

— صبح ٿيو. هرڪم معمول مطابق ٿيڻ لڳو پر حاويليءَ جو هر ڪم معمول جي خلاق هو. اڄ هن صبح ساڻ نوڪرياڻيءَ کي چٺي لکي ڏني ۽ چيائينس، "تہ وڃ خدابخش هاريءَ جي ٻٽ کي ڏيئي اچ!" جو ٻڻ ڀڙهيل سمجهو نوجوان، نوان جذبا رکندڙ ۽ دنوي رٿن رسمن جي ڪوڙين ديوارين کي ڍاهڻ جا پهہ پچائيندا رهندو هو.

هن چيٺيءَ ۾ ڪيس لکيو تہ "اگر تون هن ظالم سماج کي سڌارڻ ٿو چاهين، ڪوڙين ريتن رسمن جا قلعن کي مسمار ڪرڻ ٿو چاهين تہ اڄ رات هڪ ٻڄ ڳوٺ جي پرسان وهندڙ سنڌوءَ جي ڪناري تي منهنجو انتظار ڪجانءِ."

اڄو ڪو صبح هن لاءِ حاويليءَ جي قيد جو آخري صبح هو، اڄ هوءَ خوش هئي، تمام خوش، ڇاڪاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ هن جي اميدن جا ڪرڙا تمام پري پري پکڙ جي ويا هئا. جيتوڻيڪ هن لاءِ اڃوڪو ڏينهن صدين جيڏو ڏکيو ٿي ويو هو، تڏهن بہ خوشيءَ ۾ ڪيس ڪا خبرئي ڪانہ پيئي. رات ٿي ۽ هر پکي پکڻ وڃي، پنهنجي پنهنجي آهيري ۾ آرامي ٿيو. ماڻهو ٿڪجي ٽٽي وڃي بسترن پيڙا ٿيا پر هوءَ هر هر گهڙيءَ ڏانهن نهاري رهي هئي، بي آرامي ۽ بيقراريءَ ڪري هن کي قرار نہ ٿي آيو. جڏهن گهڙيءَ ۾ منو هڪ ٿيو تہ هن ڪجهہ پئسا ڏوڪڙ ۽ زيور ڪنيا. باڪس کڻي، حاويليءَ جون اوچيون اوچيون ديواريون ۽ انهن ڪان بہ وڏيون ۽ اوچيون سماج جون ديواريون اورانگهي اڄ هوءَ ٻاهر هلي آئي. ٻري ڪان هن سنڌوءَ جي وهڻ جي وهڪري جو آواز ٻڌو. هوءَ ٽڙي پيئي ۽ بند تي اچي ڇوڏاري نهاريائين.

اوچتو پريان هڪ نوجوان نڪتو، جو تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻندو، هن ڏانهن وڌيو. جيئن جيئن هن جي رفتار ٿي وڌي، تيئن تيئن هن جي دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ٿي. قريب ايندي نوجوان ٻانهون پکيڙيون ۽ هن پيار جي پياسيءَ ٻاڻ کي هن جي آغوش ۾ ڏنو. ٻنوءِ هو ٻئي ٻانهن ٻانهن ۾ ڦڃهي، سنڌو جي ڪناري تي هلڻ لڳا ۽ کيس پنهنجي پيار جو شاهد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻہ بڻايائون. هو هلندا ويا هلندا ويا .... ۽ تمام گهڻو اڳتي نڪري ويا.

هن واقعي کان پوءِ ڳوٺ جي هر ننڍي وڏي جي اک کلي ۽ سوچڻ لڳا تہ متان اڄ جي ننڍي غلطي، ميائي جي عظيم غلطي ثابت ٿئي، ان ڪري ڳوٺ ۾ جيڪي بہ پکي قيد هئا، تن کي آزادي ملي وئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرت جي زڪوات

”واھ سائين واھ!“ واھ وڏيرو ڪوڙل خان!
دل ٿي چوي تہ ڪا جاگير بخشي ڇڏيانس، پر جي
حڪومت جو والي ھجان! بس سائين، اڄ خبر پئي تہ
وڏيرو ڪرڙل خان جائي بہ وڏيرو آھي“ خيرو، جيڪو
سدائين وڏيري ڪوڙل خان جي جي برخلاف ھوندو ھو
۽ ھن جون گلائون ڪندو رھندو ھو، سو اڄ الائي ڇو
سندس اھڙي خوشامد ڪري رھيو آھي- احمد سوچيو،
اڙي خيرو! ڳالھہ تہ پڌ پيلي ....
”پيلي آھين تون- ڳالھاءِ سڀالي جملو ڪاٽيندين
ڇيائين.
”حاضر سرڪار حاضر“ ”پلا ڳالھہ تہ پڌو“؟
”ھا چئہ“
”سائين، اڄ پلاڇو ڪوڙل خان جي تعريف ۾
ڏاپوئي ڪونہ ٿا“ ڳالھہ جي تہ لھڻ لاءِ احمد خيروءَ
کي خوشامد جي نموني ڏوڪيندي چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”بس يار! ڳالهه ئي نہ پڇ. اڄ وڏيري ڪوڙل خان ثابت ڪري ڏيکاريو تہ هو واقعي وڏيرو آهي....

”پر هاڻي، ڳالهه بہ ڪندين يا رڳو پيو ان جي ساراه ڪندين“ ”ها، سو ڳالهہ ٿي ڪيم، تہ ڪالهہ منهن جي گهران، ٻڪري نڪري ويئي، سو وڃي فرياد ڪيم، وڏيري ڪوڙل خان جي دربار ۾. بس سائين وڏيري چيو تہ ”خيروا مان هينئر ئي ٿو وڃان، تنهن جي ٻڪريءَ جي پويان. صبح ساڻ يا ٻڪري ملي ويندءِ، يا پئسا“

اڄ صبح ساڻ وڏيري سائينءَ جي دربار ۾ ويس. چيائين ” اڇي وٺ ٥٠٠ رپيا. اسان وڏيرا توهان جا سنڀاليندڙ آهيون. پوءِ اسان ئي ٻڪ ڊوڙ نہ ڪنداسين تہ پيو ڪير ڪندو؟ سڄي رات ڊڪي ڊڪي، مس وڃي چور هٿ ڪيم ۽ پئسا وٺي آيو مان باقي ٻڪريءَ نالي چياڻون تہ ”ٻڪري ڪسي ويئي“ پر ٻڌا! چورن جا نالا ٻالا ڪو نہ ٻڌائيندو سانءِ، ڇاڪاڻ تہ هنن مون کي قسم وڌو آهي.“

”بس سائين، ٻڪري لهندي تہ مٿي هئي، پر جيئرا مليا. نالا ڇاڻو، توهان ڇاڻو. مون کي رڳو پئسا ڏيو تہ مان ڪسڪ صور پڙهان“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هان! اڃي پئسا وٽ ۾ لاهه گوڙ.“ ائين چئي، وڏيري پنج گاڙها نوٽ ڪڍي، منهن جي هٿ تي رکيا. سو سائين اهي اٿئي حال احوال، اسان وري وڏيري ڪوڙل خان جا. هاڻي تون ئي چئه ته ڪيئن نه سندس تعريف ڪريان!

”ها سائين، ڀلي تعريف ڪرينس، ڀلي تعريف ڪرينس، پر ڳالهه ته ڀڏ! تنهنجي جو ڏانهنس نن مهنن جي يڳهار رهيل آهي، اها ڏنائين“ هن وٽ ڏيئي، ڏانئس وڌيڪ معلومات وٺڻ لاءِ چيو.

”نه يار نه اها ڳالهه ئي نه پڇ! پاڻ سون ڪي چيائين:- (ان جملي چوڻ ڪري سندس منهن پيلو ٿي ويو)

”يار! ائين نه ڪر. پيلي ڳالهه ڪر سنئين سڌي هرويرو، وڪڙ نه ڏي“

”اهيو وري به ڪيئه نه ساڳي ڪار. پيلي ڪو مان تنهنجي پيءُ جو آهيان. آهيان ته وڏيري ڪوڙل سائينءَ جو آهيان الله سائين سندس وڏي جمار ڪري! تون ڇوڏو هرهر پياي پيلي ڪرين؟“

”يار غلطي ٿي ويئي، معافي ڏجانءِ. زبان آهي چم جي، ڪنهن نه ڪم جي، سو لفظ هر هر پيو وهي وڃي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اهڙو نواب آهين ته ڪاٿ جي زبان وڃي ٺهراءِ، پر مون ڪي وري پڇلي ڇيڻه ته پوءِ ....

”نه سائين! هاڻي توکي ڪڏهن به نه چوندس. توبهه ڪيم، گهيني، بس“!

”بس“

”ها، هاڻي ڳالهه پڌاءِ نه!“

”ڪهڙي؟“

”يڪدم، پلجي وئين؟“

”ها“

پگهار ڏالي ڇيو اڻائين، تہ پهرين تاريخ تي اچي ونجاءِ، ڇئن ٿي مهنن جي“ احمد وراڻيس ته ”ڇئني مهنن جي“ ائين چئي خيرو موڪلائي هليو ويو.

پوءِ مان وڏيري ڪوڙل خان جي پٽي نوڪر وٽ ويس ۽ ڪانئس پڇيم ته ”وڏيرو وٽ رات ڪي مهمان هئا ڇا؟“

”ها“ مختصر جواب ڏنائنن.

”ڪهڙا ڪيڙا؟“ تفضيل معلوم ڪرڻ لاءِ ڪانئس پڇيم.

”صوبيدار، مختيار ڪار، انجنير ۽ ٻيا وڏيرا“.

”هان ڳالهه ڪي سمجهڻ لاءِ سوچيندي چيم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پر اوهان ڇو ٿا پڇيو؟“

”پس، ائين ٿي، ڇو ته سڄي رات وڏيري جي ڪمري ۾ ٻتي پرندي ڏٺم“ تڏهن پڇيم

”ها سڄي رات ڪچهري ڪري رهيا هئا“ ائين چئي هو هليو ويو. وڏيري جي بنگلي تي- سڀ سرڪاري عملدار. ۽ وڏيرا ۽ سڄي رات ڪچهري آخر ان جو مطلب ڇا آهي؟ سوچيان ٿو! ڳالهه جي مطلب سمجهڻ لاءِ، سان سوچيندو سوچيندو اڳتي هلندو ويس، تان جو وڏيري جي بنگلي جي پويان نڪري ويس. جتي هو نئن ته ڪافي نحش تصويرن وارا تاس جا پتا قائل ڏٺم پر راتوڪا تازا قائل پتا به ڏٺم.

اهو ڪيس اڪين ۾ داخل ڪري، دل جي عدالت ڏانهن موڪلم جتي منهن جي دل، جج جو ڪردار ادا ڪندي، فيصلو ڏنو ته، ”وڏيرو ڪوڙل خان، سڄي رات ٻڪريءَ جي چور ڳولهڻ ۾ نه، پر ان عجيب ڪرت ڪرڻ ۾ مصروف هو ۽ اٽڪل ساڍا پنج هزار روپيا ڪمايائين، جنهن ماي مٺيان پنج سو جوا جي زڪوات خيروءَ کي ٻڪريءَ جي بهاني ڏيئي سندس ڳالاخور وات کي بند ڪرڻ ٿي چاهيائين، ڇاڪاڻ ته ان عجيب ڪرت جي خبر خيروءَ کي به هئي“.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇوري ٿـي اڪريل ماضي

اڄ اٺُن سان ڪيس گهٽ ٿي محسوس ٿئي، ازغيني گهٽ. راتوڪي گرميءَ جو احساس، اڃا تائين ڪجهه بنجي، سندس من ۾ پئي ڇپيو. هو اٿي پاڻيءَ جي ٻاٽلي ڪٽي، ٻاٿ روم ۾ وهنجڻ اچي ٿـو. پنهنجي مٿان پاڻي ناٺڻ سـان ڪيس ائين پئي محسوس ٿيو، ڄڻڪ ڪيس ڪنهن دوزخ مان ڪڍي بهشت ۾ اماڻيو آهي پر تڏهن به ڪيس ايترو مزو نه ٿي آيو، ڇاڪاڻ جو پاڻي راتوڪي گرميءَ جي ڪري ٺريوئي نـه هو. هو ڪوڏ ڀڏي ٻاٿ روم مان ٻاهر اچي، رفريجيٽر مـان برف جو وڏو گـِنڊيو ڪٽي وجهي، تب ۾ وجهي ٿو ۽ پاڻيءَ کي ٺارڻ لڳي ٿو.

پنج ڇهه منٽ ته ڪپي سان پاڻي پري پري برف جي مٿان وجهندو رهيو تـه جيئن پاڻي ٺري. پوءِ هو پنهنجي ڏسٽي آڱر پاڻيءَ ۾ ٻوڙي ڏسي ٿمو تـه پاڻي ٿڌو ٿيو آهي يا نه؟

ڪيس آڱر کي ٿڌ ڀهجندي محسوس ٿئي ٿـي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يڪدم هو ڪپو پري، پنهنجي مٿان ٿو هاري. پاڻي ناڻ
سان ٿي هو ائين ٿو محسوس ڪري، تہ ڪوئي سندس
من جي پريل ميچ کي ٿڌي پاڻيءَ سان اجهائي رهيو
آهي. هن صابڻ ۽ تيل هوندي بہ ڪجهہ نہ استعمال
ڪيو. صرف ۽ صرف پنهنجي مٿان پاڻي هاري رهيو هو.
هن چاهيو پئي تہ اڄ سڄو ڏينهن ويٺو برف جي اهڙي
ٿڌي پاڻي ۾ ٽڙڪي، پر هو ائين نہ ڪري سگهيو. پاڻي
ٺائينديءَ نائيندي پئي بالٽيون ختم ٿي ويئون. هن چاهيو
ٿي تہ اجا پاڻي هجي. گهڻو تمام گهڻو پر وري پنهنجي
فيصلي کي غلط قرار ڏيئي، گوڏ پٽي ٻاهر اچي ٿو.
پکي جو سوئچ "آن" ڪري ٿو ۽ پکو سندس سوچن
سان گڏ ڦرڻ لڳي ٿو. هي پنهنجا وار سڪائڻ لڳي ٿو.
هن جي آن لڳڻ تي پکي جي ٿڌي هوا، اهڙو تہ اثر
ڪيو جو چڙڪ کيس نوجوان ڇوڪري سان گڏ شراب
جي بوتل ملي ويئي هجي.
هو سوچي ٿو تہ اجا ڇهہ ٿيا آهن ۽ آفيس جو
ٽائيم اٺ آهي. اجا ٻہ ڪلاڪ آهن. اهي ڪيئن گذرندا
ايستائين هن جا وار سڪي ويا. هن وارن کي سنواريو
۽ پوءِ ڪپڙا پائي، آرسيءَ جي آڏو آيو. هو هڪ پيرو
آرسيءَ ڏانهن ڏسي ٿو، ائين جيئن روز ڏسندو هو. پر اڄ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس ائين محسوس ٿي رهيو هو ته ڄڻ آرسي ڏنڍلي ٿي ويئي هجي. هن آرسيءَ کي اگهيو ۽ اهڙو اگهيو جو آرسي بلڪل شفاف پاڻيءَ مثل ٿي پيئي. اهڙي صاف آرسيءَ ۾ ڪيس پنهنجو چهرو ائين ڏسڻ ۾ پئي آيو، جيئن صاف ۽ شفاف پاڻيءَ ۾ صوف. ان وقت هو پنهنجي چهري جي هر تر جيتري نشان کي به چٽيءَ طرح ڏسي سگهيو ٿي.

سندس هٿ ازخود مٿي ٿي وڃي ٿو ۽ پنهنجي چهري کي ڇهي ٿو، جتي ڪيس گهراڻ ٿي محسوس ٿئي. هو ان گهراڻ تي زور سان هٿ گهمائي ٿو، ته ڪيس سندس ماضي ياد اچي ٿو وڃي، جڏهن سندس اهي ڳٽا اسڙا هوندا هئا.

جڏهن هو ننڍو هوندو هو، تڏهن هر ڪو ڪيس جيءَ ۾ جايون ڏيندو هو. ڪيڏانهن به ڪنهن ڪم سانگي ويندو هو ته ڪو به ڪيس خالي ڪين موٽائيندو هو. ڪڏهن به سندس کيسو خالي ڪين ٿيندو هو. ڪو ٿورڙو خرچ سندس کيسي مان ٿي ويندو هو ته ان کان ٻيڻو ته بلڪ ٽيڻو خرچ ڪيس اڳئي ملي ويندو هو.

اوچتو ڪائنس هڪ ڏهڪ نڪري ٿو وڃي، جيڪو سڄي گهر مان چڪر ڏئي، وري به سندس ئي ڪنن ۾

پڙاڏو ٻنجي، ڪيس ڀڏڻ ۾ اچي ٿو ۽ هو هڪ پيرو وري ٻـ ماضيءَ جي اونهي کڏ صاف ڪرڻ لاءِ منجهائنس گند ڪچرو ڪڍي ٿو گند ڪچري سان گڏ ڪيس ان وقت جي جج وارو واقعو ياد ٿو اچي، جنهن تي ئي ڪانئس نهڪ نڪري ويو هو.

جڏهن هو خير پور ۾ پڙهندو هو ۽ شام جو وڏي گرائونڊ تي راند ڪرڻ ويندو هو ته ڪيس ڪورٽ جي جي پرسان سرڪاري ڪوارٽر جي در تي هڪ جج بيٺل نظر ايندو هو، ڪيس اهو ڏينهن به چڱيءَ طرح ياد ٿو اچي، جڏهن هي شام جو راند تي وڃي رهيو هو ۽ جج ڪيس ڏسي سڏ ڪيو ۽ هو ان سڏ کي سرڪاري سڏ سمجهي، بنا سوچ سمجهه جي هليو ويو ۽ جج صاحب ڪيس ڪوارٽر ۾ اندر وٺي ويو. ڪيس شربت پياريائين ۽ ڪجهه وقت ترسائي، بعد ۾ ڪيس خرچي به ڏني هئائين.

هن کي ياد ٿا اچن جج صاحب جا اهي جملا، جيڪي هـن اترادي ٻوليءَ جي لهجي ۾ ڪيس چيا هئا. وڃڻ مهل ڪيس چيو هئائين ته، ”مان سان سنگت رکبي نه؟ ۽ هو شرم ۽ حياءَ جي ڀڏ تر ۾ ئي هو ته وري ڪيس چيو هئائين،

”اڙي ها ڪٽي ڪر يار!“

”ها“ هن بنا سوچڻ جي ها ڪٽي ڪئي هئي.

”واعدو“ جج ڪائنس ڀورو ڀورو قسم نامو وٺندي چيو هو.

”وعدو“ هن ٻه ڪيس جواب ڏنو هو.

”پڪو“ صاحب ٻه ڪٽي ٽو ڇڏيس

”پڪو“ جان ڇڏائڻ لاءِ ائين ٻه چيو هئائين.

”ڏاڙهيءَ تي هٿ رک“

۽ هن شرميلي مرڪ مرڪندي، پنهنجو ڏڪندڙ هٿ ڳلن تي رکيو، جي نرم، نازڪ ۽ لسڙا هئا. اهڙا جهڙا ريشم ۽ جنهن ڪري ئي ڪيس جج صاحب ڀائيندو هو.

”چڱو بادشاه پير جو هٿ ملاءِ“

۽ هن پنهجو نازڪ هٿڙو، جج صاحب جي سخت ۽ کهري هٿ جي حوالي ڪيو هو ۽ جيڪو ڪافي وقت سندس هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي ويٺو رهيو.

”چڱو سائين! هاڻي ڀلا مان هلان. راند تي دير ٿي ويئي آهي“ آخر جج مان تنگ ٿي ڪيس چيو هئائين.

”چڱو، سڀاڻي ڀلا ايندين؟“ جج وري ڪيس چيو هو.

”ها“ هن ڪيس چيو هو.

”ايندين نه؟“ جج وري ڪيس چيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ها سائين!“ جواب ڏنو هئائينس
”پڪ“ پڪ وٺندي ڪيس چيو هئائينس
”پڪ“ ورندي ڏني هئائين.
”وعدو“ ڳهل ڪرئيندي ڪيس چيو هئائين.
”ڇڱو هت ملاءِ بادشاهه پير جو“ ۽ هڪ پيرو وري هن جو نازڪ هٿ، جنهن جي ڪهري ڪهري هٿ ۾ نپوڙجڻ لڳو. ۽ ڪيس پيهر خرچي ڏيئي، راضي ڪري روانو ڪيو هئائين.
پوءِ ته هر روز جج سندس اچڻ وڃڻ، اچي در وٽ بيهندو هو ۽ هي ۾ به لنگهندي، پيئي پير به صاحب وٽان حاضري ضرور پريندو هو.
سندس سوچڻ جو سونهن پئي طرف مڙي ويو ۽ سوچڻ لڳو ته ڪيئن نه مون هن جج کان ڪم ورتا؟ ڪنهن کي اندر ڪرائڻ، ڪنهن جو ضامن ڪٽائڻ، ڪنهن کي سزا ڏيارڻ، ڪنهن جي سزا رد ڪرائڻ، ڪنهن جو ضامن مارائڻ يا ڪنهن کي آزاد ڪرائڻ. اهي هڙ ئي ڪم سندس هٿ وس هوندا هئا ۽ هو جوابدارن کان سن ڳهريا پئسا وٺي، سندن هر فيصلو سندن چاهت مطابق جج صاحب کان ڪرائيندو هو. جڻ ته جج ئي پاڻ هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو هڪ طرف صاحب ڪان ته ٻئي پاسي جوابدارن ڪان روڪڙ وٺندو هو. ٻنهي پاسن ڪان ڪيس پئسا جو ملندا هئا، سولُ لڳي پيئي هوندي هيس. هڪڙي هوندي هيس مساڻ، سو ڪنايو ڪپايو. چوڙيو ماڙيو ويٺو هوندو هو ۽ باقي جيڪو بچندو هوس، سو مساڻ کي ڏيندو هو ۽ کيس چوندو هو ته ”مان پڙهڻ بعد مزوري ڪندو آهيان“

اهڙيءَ طرح هن وٽ ڪافي پئسو ٿي ويو. سندس ماءُ به گذاري ويئي. پوءِ ته هن جي گهٽن تي به ڪهراڻ اپري هئي، ان ڪري جج به منجهانئس مطمئن نه ٿيندو هو ۽ هاڻي کيس لفٽ به گهٽ ڏيندو هو. هو جج جي رخ کي سمجهي ويو ۽ وڃي حيدرآباد نوڪريءَ کي لڳو ونس جيڪي جج صاحب وارا پئسا هئا، تن مان هڪ عمدو گهر، فرنيچر ۽ پيون ضرورت جون شيون ورتائين. هاڻي ڏاڍي نٽ سان رهي ٿو.

کيس اوچتو اڄ سندس هڪ ڪلاسي اشفاق ياد اچي ٿو جنهن هڪ دفعي کيس چيو هوته ”سوسرا جيسين ڏاڙهي اچيئي، تيسين ڪنهن کي به ناراض نه رک ۽ جڏهن ڏاڙهي اچي ويندءِ نڏهن ڪو ڪتو ٿي نه سگهندءِ“ تنهن وقت تہ ڪيئن اشفاق جي جمان

بارود تي ٻاهه جهڙو اثر ڪيو هو. پر ڪيس اڃ اهي جملا وڻن ڏنا.

ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيري سوچي ٿو ته ”واقعي هاڻي ته ڪو ڪتو ڪونه ٿو سنگهي، اوچتو سندس نظر پاڻهن ۾ پاتل گهڙيءَ تي پوي ٿي، جنهن ۾ ٽائم اٺ ڏهن وارا هئا. هو تڪڙ ۾ سينڊ ڪيڻ سان گڏ سوچي ٿو ته ”صاحب جي هيءَ واچ به ڏاڍو ٺي ڪم ڏني.“

۽ سينڊ ڪيدي هو آفيس ڏانهن روانو ٿي ٿو وڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتو ڇـا ڄاڻي....

"السلام عليڪم وڏيرا خاوند ڏنا صاحب!" وڏيري جي بنگلي ۾ اندر گهڙندي سيني چيو.

" وعليڪم السلام - وعليڪم السلام .... اچو - اچو ويهو ڏيو خبر، پيو تـه مڙيئي خير آهي نه؟ پلا ايترا ڇڙا چڙهائي ڪيئي آيا آهيو! آهي تـه خير نه، يا آهي ڪو دال ۾ ڪارو؟! وڏيرو موڙي تان اٿندي، ڀڪ ساهيءَ اهي جملا چئي ويو.

"بس سائين پيو مڙوئي خير آهـي. ڪجهه ڏهاڙا گذري ويا هئا، جو اوهان جو ديدار نصيب ڪونه ٿيو هو، سو آيا سون، توهان جو سنهن مبارڪ پسڻ" وڏيري جي خوشامد ڪندي، اسان ڪيس چيو.

"ڀلي آئيو جيءُ آئيو- ويهو ويهو، آرام ڪريو!!

"اڙي شونڪا! ڪجهه چاهيون تـه ٺاهي وٺ" پنهنجي نوڪر شوڪت کي چيائين.

نـه مٺائين! تڪليف نـه ڪريو ٺاهيندي چيو سين.

”نه ابا! تڪليف ڪهڙي! پنهنجا ڀاڻ ۾ آهيون.“

”ها ڀلا ڏيو خير جي خبر. خوش آهيو، چاق چڱا ڀلا تازا تڪڙا - جوڙ متارا - ٻيو ڪل خير. ڪهڙا حال آهن زماني جا.“

ڀاڻ خبر و عافيت پڇندي چيائين.

”ها سائين ٻيو سڄوئي خير آ. اوهان خوش آهيو چاق، چڱا ڀلا - تازا تڪڙا - نئو بنا - جوڙ متارا“ اسان سندس خير وعافيت جو جواب ڏيندي، ڪيس چيو. ”سائين ٿن چئن ڏينهن کان اسان ڪي ڀلي، گرميءَ جي موڪل پر اسان ته اچا اتيئي آهيون. اوهان جي سڪ ستايو، سوفي الحال ته اوهان ڏي ڪهي آيا سين پوءِ جا ڀاڳ ڀوءِ سان.“

”ها، ڏاڍو چڱو ٿيو جو منهن ڏيکاريو. مون کي ڀاڻ. اوهان جي ملڻ جي حب هئي، ڀلا، سڪ به ڪنهن نه لڳي! هڪ ديس جا رهواسي آهيون، هڪ قوم آهيون ۽ هڪ ٻولي ڳالهائيندڙ آهيون. مون اچا ڪالهه سوچيو هو ته اوهان ڏي ماٺهو موڪليان، پروڙي سوچيم ته موڪلن ملڻ ڪري، ڳوٺ نه هليا ويا هجو، اهو سوچي ڪئي بس ڪيم“

”سائين! ٻاهر اگهڻ ڪي ٻهاري ڏيئي، متان

ڦس ڪلاس ڇڻڪار ڪيوا ٿمانس. هلي ڏسو!" هڪ ڪراڙو ساڌو جنهن جي پيشانيءَ جي لڪيرن مان، سندس قسمت جا ڪل راز فاش ٿي رهيا هئا، هن مٿي رکيل پوتڙي مان منهن اگهندي، وڏيري کي چيو.

"مان ڪونه ٿو ڏسان. توتي اعتبار آ" اچا ڪراڙو وڇڙ تي هو ته وڏيري کيس سڏ ڪيو.

"چڱو پڌ! هاڻي هي سڀ موڙا ٻاهر ڪيء ته اسين هلي اڱڻ تي ويهون. تون هن صفحي ۽ ورانڊي کي نه ٻهاري ۽ ڇڻڪار ڪري، پوءِ پلي وڃ." وڏيرو کيس ائين چئي رهيو هو، جڻ پنهنجي ڪنهن زر خريد ٻانهي کي چئي رهيو هجي.

"سائين عرض ڪريان"

"وري چا ٿيو!"

"سائين! مان ڪير ٿيندو آهيان، اوهان جو حڪم موڙائڻ وارو - پر سائين، ٻڪريون تڙ تي ائين ئي ڇڏي آيو آهيان. انهن کي رڳو شهر ۾ مالڪن وٽ پهچائي ايندس. پوءِ جيڪو ڪم چئو، آءٌ ڪيان."

ڪجهه دير ترسي وري چوڻ شروع ڪيائين.

"سائين! پر ميال بس ائين ئي پر ٿين ڳوٺ وارن "ڪارن" اسٽ هٽي، ٻڪريءَ جي جنگهه پڇي ڇڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. قسم توهان جي سو جو تہ سائين! ٻڪري پورا ست سؤ رپيا لهندي هئي، پر اٿ ڪائڻ بعد ٻن سون ڪان مٿي نہ چڙهي“

”اڙي، بند ڪر اها پنهنجي ٻڪواس! ڪونہ ٻڌءِ هڪ پيرو“ رئيس جي حڪم سندس ڳپ ئي ڏاري ڇڏيا.

دل ۾ وڏي پون لڳس. سوچن مٿس ورڪا ڪئي ۽ ماضيءَ جي مخفي تصويرن سندس اکين آڏو تري آئي. ”وڏيرا چوري ڪرائين. پنگ وٺي ڏنائين. پنهنجن لاءِ شينهن پر ڏارين لاءِ گدڙ. هو پنهنجي راڄ وارن کي ائين تنگ ٿا ڪن، جو ڄڻ هو انسان ئي نہ آهن ۽ هنن کي جيئڻ جو ڪو حق ناهي“ هڪ پيرو وري سوچن جي ساگر ۾ اڙهي ڏنو وڃي. ”وڏيرن کي لوئيءَ جي اڄ ناهي. شل نہ ڪو اوڙي پاڙي ڇمڪندڙ ڇهرو ڏسن نہ لاهي پاهي، ان جي پويان ڪاهي پون. پنهنجن جا دشمن ۽ ڪڙم جا ويري.“

مان ظاهر ۾ تہ وڏيري جي ڇانهن پئي رهيو هوس پر دل ۾ ان شخص جي سوچن جي پڪيڙي سان گڏ اڏامي رهيو هوس. وري پيرسن جي سوچن جي ڳاڏي اسٽارٽ ٿي وئي. ”وڏيرا شل نہ ڪو وات ويندو ماٺهو ڏسن. اصل نہ ڇڏنس. ڪنهن نہ ڪنهن ڪم ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضرور ڦاسائنس، پوءِ ڇو نہ ڪٽي اهو ماڻهو ڪنهن ضروري ڪم سان وبندو هجي."

سوچن جو پکيئڙو هڪ پيرو وري سنڌس من جي پڃري مان پرواز ڪري ٿو وڃي. "وڏيرا وري وونن واري دور ۾ پيٽ سيٽي پڳا ايندا تہ اسان اوهان جا پنهنجا آهيون. هيءُ وقت اوهان جي مدد ڪرن جو آهي امان ڪي ووٽ ڏيو. اسان جا اوهان تي ٿورا آهن."

جيسين سنڌس سوچون پوريون ٿيون، تيسين صفحي ۽ ورانڊي ڪي ٻهاري ۽ ڇنڪار اچي ويو. اهو ڪم اڪلائي هو ٻڪرين ڏانهن هليو ويو.

"اڙي شونڪا! اهو آخر بنا موڪلائڻ جي هليو ويو نہ؟

پيٽسان - جوهہ جو ....

"ها سائين! ڪتو ڇا ڄاڻي ڪڪڙ جي ماني ۾ مان. انهن ڪي ڀادر سان اڻار جي ڀادر سان ويهار جي تہ ٺيڪ آ، نہ تہ اهي لئہ ڪري ڏا وڃن. اڳ تہ اوهان جي خير صلح واري ڳالهائڻ ڪان بہ پيا ڪنپندا هئا ۽ هاڻي وري مڙس بروبري ٿا ڪن، سوبہ اسان واري ڀوتار سان." نوڪر وڏيري جي سڌي سنئين ڇهچا گيري ڪندي چيو.

”چڱو سائين، اسان ٻلا هاٿي هلون ٿا.“ اسان وڏيري کان موڪلايو.“

”ادا ترسي پئو، رات رهو ته ڪي ڪچهريون ڪيون ايترا تڪڙا ڪيڏانهن پيا وڃو.“ وڏيري ظاهري خوشامند ڪندي چيو.

سائين! حياتي آهي ته ڪچهريون پيون ڪبيون پنڌ به ڪجهه پرپرو آهي، سو هاٿي هلون ٿا.“ ائين چيئي اسان وڏيري کان اجازت ورتي.

موٽندي سڄي وات هر هر ذهن ۾ اهو جملو واجهٽ وڄائي رهيو هوته ”سائين! ڪتو ڇا جاتي ڪتڪ جي مانهيءَ مان“ آخر جڏهن هاسٽل تي پهتا سين تڏهن، اوچتوٽي اوچتو دروٽ پهچڻ سان ڪن تي آواز آيو ”هان! پاڻ وري ڪو ماڻهو هو ۽ منجهس ۾ ڪو ماڻهپو هئو“ شايد اهو آواز دل مان نڪتو هو.

★★
★★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسپيشل ڪيبر

اڄ سنڌن ميٽنگ هئي. جنهن ۾ شهر جي ٽئين ڪير وارن جي شرڪت ضروري هئي، ان ڪري صبح کان وٺي ئي ايڪسائيز انسپيڪٽر صاحب جي بنگلي تي ڪير وارن جو چو پول لڳو پيو هو، ڏهين بجي ميٽنگ شروع ٿيڻ واري هئي، پر جيئن ته صاحب کي اڄ سينگار ڪرڻ ۾ گهڻو وقت صرف ڪرڻو هو، تنهن ڪري ڪجهه ليٽ ٿي ويئي ۽ ميٽنگ يارهين کان شروع ٿي.

جيئن اڄ ڇاڇي جي جي پاٽيءَ جو وارو هو، سو ان جي بدران مان آيو هوس ميٽنگ ۾ شرڪت ڪرڻ بنگلي ۾ حضور جن جي هيءَ حديث نمايان طور تي ٽنگيل هئي ته "الراشي والمرتشي ڪلا هما في النار. يعني رشوت ڏيندڙ ۽ وٺندڙ ٻئي جهنمي آهن."

ڳالهه جاٽيءَ جي ڪاروائي قرآن شريف جي تلاوت سان شروع ڪئي ويئي. ڪاروائي ڪير وارن جي جنرل سيڪريٽريءَ هلائڻ شروع ڪئي ۽ انسپيڪٽر صاحب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي جي صدارت جي ڪرسي سنڀالي.

قـرآن شريف جـي تلاوت کان پوءِ سيڪريٽري صاحب ڪير وارن جا نـالا وٺڻ شروع ڪيا. آچـر .... ارباب .... هاشم .... قـاسم .... حـاجي .... آدم .... رجب .... جاڙو .... جمال ....

هر ڪو پنهنجي پنهنجي نالي وٺڻ تي جاءِ تان اٿيو ٿي ۽ صاحب کي ٢٥ روپيه ماهواري في ڏيئي، واپس اچي، پنهن جي جـاءِ پيو والاري، اوچتو چاچا ولڻ جو نالو پڪاريو ويو. مان اٿيس ۽ کيسي مان پنجويهه رپيا ڪڍي صاحب اڳيان رکيم. صاحب تم مون کي ڪونه سڃاتو پـر سيڪريٽريءَ اوچتو رڙ ڪئي تہ چاچا ولـڻ ڇو ڪونہ آيو؟"

"جي انهيءَ جو پاٽي جو وارو آهي" مختصر جواب ڏيئي، جان ڇڏ ٿي، اچي ميڙ سان مليس. ان کان پوءِ ڪجهہ پيا نـالا ورتا ويا، ۽ هـر ڪو پنهنجو وارو وڄائي ويو.

پئسن وٺڻ جن نشت بعد سيڪريٽري اٿيو ۽ چيائين تہ "سائيو! ڪافي عرصو گذري ويـو آهي، جو صاحب کان پول ڪونہ پڌا اٿئون. ڪيس عرض ٿو ڪجي، تہ اچي پنهنجي خيالن جـو اظهار ڪري." ان پعد صاحب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اٿيو. پريل منهن. گهڙهو اهڙو جـڻ ڏاڙهون. ڏرڙهه لڪائڻ لاءِ ڍڪڻ تـي ٽوپي پاتل، سوٽ بشرت سان مانوس. پيٽ ايڏو پاهر نڪتل، جو سمجهجي پيو ته جاڻ سندس اها رشوت جي بشرت ڦاٽي. هن فرمايو ته،

منهنجا عزيزو! دوستو!! ڀائرو!! اوهان کي ته خبر آهي ته اڄ ڪالهه ملڪ ۾ ڪيڏي نـه مهانگائي لڳي پيئي آهي، اوهان ته چڱا ڀلا آهيو ڀهرڙايءَ ۾ نه ڪو ٿو خرچ ڪرڻو پوي، نه پيو ڪجهه.

ڪ ڏيون پاڻ ڪريو، مال پاڻ چاريو، گهه پنهنجو پاڄي پنهنجي ۽ ڏڌ مکڻ پنهنجو. پر اسان لاءِ ويل آهي. شهر ۾ ڪائڻ به ملهه جو ته ڳالهائڻ به ملهه جو .... پيٽسان ڪائيون منهه تي، پاڄي ملهه تي، ان ملهه تي ڀڄاڙيءَ پاٽي به ملهه تي. دل ته چوي ٿي ته اڄ شهر ڇڏي، وڃي ڀهراڙيءَ جـا وڻ وسائجن. پر ڇا ڪجي، مجبورا“ شهر ۾ رهڻو ٿو پوي، مهانگائي اوهان کي ٻڌائڻ مان منهنجو مقصد رکيو اهو آهي ته اسان ڪامورن سان نسورو ونل آهي. مهانگائيءَ سان گـڏ، منهنجا نخرا پورا نٿا ٿين. سندس هـر ڏينهن صبح جي نئين فرمائش جو ڳاٽي ڏيکو خـرچ ساريو وڃهي. سندس سينگار جي سامان جي پورت ڪرڻ به پنهنجي وس کان ٻـاهر آهي. هاٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجبور!“ ائين چوڻو ٿو پوي ته اها منٿلي ٢٥ مان وڌائي ڏيهه ڪجي. پر جي اوهان راضي هجو ته فيصلو اوهان تي ڪريو.“

صاحب پنهنجي مقصد جي ڳالهه ڪري اچا بس ئي ڪانه ڪئي، ته هال ۾ ويٺل، اڳئين حصي وارن خوشامدڙين جو هل اپريو تاڙين جي گونج ٿي. ان تاڙين جي گونج ۾ اهو آواز ور ور ڏيئي ٻڌڻ ۾ پئي آيو ”جيئن حڪم سرڪار جو.“ ۽ انهن جي پويان اسان کي به چوڻو ئي پيو.

سيڪريٽري هڪ ڀيرو وري اٿيو ۽ پنهنجو آواز بلند ڪيائين. ”سائيو! صاحب ڏاڍو سٺو ماڻهو آهي. هو گهري ته ڪائي ٿو نه! اگر ٻين واٽگر چئي ته ”اڄ اوهان کي هيترا ڏيٺا آهن اڄ هيترا.“ ته به ڏيٺا پوندا! پر هي صاحب خدا شل ڪيس ڇڙن سان خوش رکي، رشوت خور نه آهي. اسان سنڌس ٿي مهرباني سان زماني ۾ هلي رهيا آهيون. هو اوهان جو راضپو ٿو پڇي، ڪيئن منظور آهي اوهان کي؟“ سيڪريٽري ائين چئي چپ ٿي ويو. هال ۾ اڳئين وانگر آواز اٿيا.“ جيئن حڪم سرڪار جو. منظور آ. منظور آ .... صاحب جو حڪم منظور آ“

منظورآ.... صاحب جو حڪم منظورآ....“

ان بعد بہ ڪيترن ئـي صاحب جي خوشامدڙين، صاحب جي تعريف جا ڍڪ ڀريا. تعريف ڪئي، ساراهم ڪئي. جڏهن خوشامدڙين رڙين کان ماٺ ڪئي، تڏهن وري سيڪريٽريءَ جو آواز آيو. ”ساٿيو! آخر ۾ آءٌ صاحب کي نماڻيءَ نيڙ ٿو ڏيان تہ هو اچي گڏجاڻيءَ کي آخري الوداع ڪري.“

اسٽيج تي هڪ ڀيرو وري ساڳي صورت نظر آئي ۽ صرف اهو آواز آيو: ”منهنجا عزيز دوستو! مـان اوهان جي مهربانين جو بيحد ۽ پرخلوص ٿورائتو آهيان“ صاحب جي اڌ تقرير ۾ ئي تاڙين جو هل هنگامو مچي ويو. هل ختم ٿيڻ بعد وري صاحب وڌليو.

”ساٿيو! جيئن تہ اڄ ڀريں تاريخ آهي، تنهن ڪري اوهان مان پنج ڇٽا ڪير کي اسپيشل بنائي شـام جو ڪٽي اچن، ڇاڪاڻ جو شام جو مان اوهان وٽ مهمان آهيان. انهن پنجن ڇٽن جا نـالا سيڪريٽريءَ کان پڇي ڇڏيو. چڱو سدائين گڏ.“

ائين چئي بس ئي مس ڪيائين تہ هڪ ڀيرو وري تاڙين جا ٺوڪا هال کي کونجائي اٿيا. سيڪريٽري آخري دفعو اسٽيج تي آيو ۽ انهن پنجن ڇٽن جا نالا ٻڌايائين ”آچر-

احمد، ارباب- والش ۽ جعفر." انهيءَ نشست کي آخري نشت قرار ڏيئي جلسي کي ختم ڪيو ويو.

مان جلدي ٻوٽ ويس. اڇي چاچا کي سموزو احوال ڪيم ۽ ڪانئس پڇيم تہ "ڊاچاچا! ڪبر اميپشل ڪيئن ڪبو آهي!" وراڻيائين، "اها ڳالهہ ئي نہ پڇ! شام جو اچي پنهنجي اکين سان ڏسج" مان پنهنجي گهر آس. هٿ منهن ڌوئي، ماني پاني ڪائي، ٿوري گهڙي ننڊ جو سونهو ڪري، اٿيس تہ شام ٿي ويئي هئي. مان سڌو چاچا وارن جي گهر ويس. ڏٺم تہ چاچو بہ تياري ڪري رهيو هو.

مون کي ڏسي چيائين تہ "وچ! هن دبي ۾ تہ پاڻي وجهي آ. پر گلاس کن هيٺ تائين" مان دبي ۾ پاڻي وجهي ڪٺي آيس ونس هڪ ٿيلي هئي، جنهن مان ڪجهہ پائوڊر دبي ۾ وجهي ہـڙ ڏيئي، وٺي لوڏيائينس. ڏاڍو هلائي هلائي جو پڙ لاٿائيين تہ صفا کير بنجي چڪو هو. هڪ دبو اهو پاڻ کنيائين- باقي هڪ دبو، جنهن ۾ ئي پتيون پاڻي، اڌپتي کير ۽ اڌپتي مشڪل کير وڌو هئائين، اهو مون کي ڏنائين.

بئي کير کڻي اچي شهر پهتا سين. چاچي مون کي ٿورو پرپور ويهاري، پاڻ پريان وڃي ہين چئن جڻن کير

وارن سان ويهي رهيو. هو ظاهر ۾ ته هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪري رهيا هئا، پر درحقيقت صاحب جي باري ۾ سوچي رهيا هئا.

سچ پچ ته مسٽر آزاد سان گڏ صاحب به واءُ مينهن ڪندو آيو، سندس اکيون ڳاڙهيون لڳيون پئي، هيون. اهڙي سان ڪير وارن کي گارين سان جهنجهي ڇڏيائين ۽ انهن پنجن ئي جا پنج ئي ڪير ڄڻ ڏيا هاري ڇڏيائين. ڏسندي ئي ڏسندي ڪيرجا واهڙو وهي هليا. صاحب، عوام کي اهو اڪرتب ڏيکاري، بيوقوف بنائي، سندن اڳيان زبردست تقرير ڪئي، جنهن ۾ چيائين، ”منهنجا پيارا پائرو! مون کي هنن ڪير وارن جي باري ۾ ڪافي وقت کان شڪايتون ملنديون ٿي رهيون. نيٺ انهن شڪايتن کان تنگ اچي، مون اها ڪاروائي ڪئي آهي. هن سکيت مان سبق سکندا ۽ سڌري ويندا ۽ اگر نه .... ته به مان پري نه آهيان. توهان مون کي وري به اطلاع ڏجو.“

شهرين صاحب جي اها جو شيلي تقرير ٻڌي، پاڻ به جوشيلا بنجي ڏاڍيون تاڙيون وڄايائون. صاحب جي حق ۾ ۽ ڪير وارن خلاف نعرا هنيائون. هر شهريءَ جي وات ۾ انسپيڪٽر جي تعريف هئي ۽ ڪير وارن جي گلا. هونئن ته اسان روزانو پڻ رپين ۾ ڪير جو سير ڏيندا هئا سون، پر اڄ ڪير جي اڻاٺ جو فائدو وٺي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏين ريٽن مير وڪٽن لڳاسين ساٺهو ويچارا مات ڪيو ونيو پيا وڃن، ڪنهن ڪنهن هنڌان مڙوئي شهرين جا مسڪا ڦسڪا پڌڻ پيئي ۾ آيا. ڪن جي واتان اهو به پڌوسين ته ”اڄ ڪير وارن سان اهڙي حالت ٿي آهي، جوڪي ڏينهن ڏپ ڪان سڱو ڪير آئيندا“

پر اها ته ڪنهن کي خبر نه ڪونه آهي ته صاحب ۽ ڪير وارن جي اندروني ساز باز آهي. اڄ مون کي خبر پئجي ويئي ته اسپيشل ڪير ڪيئن ٿو ڏاهيو وڃي؟ ۽ اڄ مون کي اها به خبر پئجي ويئي ته عوام کي انڌو ڪيئن ٿو بنايو وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڳوڙا ڳوڙا ڳاھ"

"پٽ، آخر ڳالھ ڇا آھي؟ جو تون ڏينھون ڏينھن ڪمزور ٿيندو ٿو وڃين." منھنجو ويرانيءَ جھڙو چھرو ۽ دماغ سوچن جو مسافر ڏسي امان مون کي چيو. اما جو ھر لفظ ڏينھو بنجي، منھنجي من کي ڏنگي رھيو ھو.

"اما بس ڪا ڳالھ ڪانھي! ڪجھ وقت کان مون کي ٿورو بخار ٿي پيو آھي. مٿي ۾ اڳين ۾ سور ٿو رھي." ڳالھ کي لڪائيندي، اما کي دوکو ڏيڻي چيم.

دراصل مون اھو بلڪل نہ ٿي چاھيو تہ ان ڳالھ جي خبر اما کي بہ پوي ۽ ھوءَ وڌيڪ ڪمزور ٿي وڃي ان ڪري مون ماءُ سان فريب ڪيو، دوکو ڪيو ۽ ظلم ڪيو. ھڪ اھڙو جيڪو مون امان سان ڪيو ۽ پيو اڪزيمنز (امتحان وٺندڙ) مون سان ڪيو. آخر ڪيسن سان ان ڳالھ کي لڪائيندو رھندس ۽ ڪيسن پنھن جو پاڻ تي ۽ اما تي ظلم ڪندو رھندس سوچن جا سونٽا منھن جي دماغ تي وار ڪري رھيا ھئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اما سان اها ڳالهه ڪيان يا نه! ان "ها ۽ نه" جي نياس تي ننگجي بيهي رهيس ۽ اهو فيصلو ڪري نه سگهيس.

ان ڏينهن امتحان هو. مون امتحان جي تياري لاءِ هفتو کن اڳ ڏينهن ۽ رات هڪ ڪري ڇڏيو هو.

منجهانئن فرق ميٽي ڇڏيو هو. ڇاڪاڻ جو مون کي اهو احساس هو ته اگر مئٽرڪ جي امتحان ۾ ناپاس ٿيس ته اما جو جوانيءَ کان پيڙاپي تائين رت ۽ ست، ڦٽل ڪير جيان خراب ٿي ويندو.

انهن سوچن منهن جي رات جي ننڊ ۽ ڏينهن جو سک برباد ڪري ڇڏيو هو. هر وقت ماءُ جي ماستا تڙپائي رهي هئي ته "اٿ پڙهه. ڪوشش ڪر. ڇاڪاڻ جو ڪوشش ڪاميابيءَ جي ڪنجي آهي، همت مرد مدد خدا" مون انهن پهاڪن ۽ چوڻين تي ويساهه ڌري ڪوشش ڪئي، محنت ڪئي، ننڊ ۽ سکون ڦٽيايو. پڙهيو، ڪڙهيو ۽ وري پڙهيو جيڪو ماسترن پڙهايو هو، اهو پڙهيم، جيڪو نه پڙهايو هين اهو به ڪوشش ڪري منگتين سائين وٽان پڙهيم، سکيم! پنج ئي پيپر سٺا ٿي ويا ۽ هاڻي باقي پرئٽيڪل ٿي رهيا، جي ٻئي ڏينهن تي هئا.

ٻئي ڏينهن بابا مرحوم جا ڇڏيل ڪپڙا پاتي، اما

ڪان دعا گهرائي، سويل ئي سويل اسڪول پهتس ۽ اهو سوچي تہ اچا پرئنيڪلن ۾ دير آهي، سو انهن کي پيرو ڏيڻ لڳس. اچا اڌ پيروئي مس ڏنو هوم تہ گهنٽي ۽ جي ٽڻ ٽڻ منهن جي اڳتي پڙهڻ کي بريڪ هڻي ڇڏي.

مان ٿڙڪندڙ قدمن سان واپس اچي امتحان حال ۾ ويٺس. صاحب آيو. دل جو ڌمڪو وڌيو. ساهہ جو سهڪو وڌيو. ائين محسوس ٿي رهيو هو، ڄڻ دل ٻاهر نڪرڻ جي جاءِ ڳولي رهي هئي.

صاحب ڇا ڀڇندو، اهي سوال ساهہ جي سهڪي سان گڏ ٻڌڻ ۾ آيا. اوچتو سونيل ٻونيل، ڪلين شيو صاحب هٿ ۾ ويان ٻڌيو لڏندو لمندو سون وٽ آيو.

"ڇا پڇاڻءَ!" عجيب سوال! عجيب طنز!! عجيب مسڪراهٽ!!! "جيڪو پڇو" پيو ڪو جواب نہ سمجهي، ائين چيم. "نيٽ" پيهر عجيب سوال. شايد پيو ڪجهہ ڪيس پڇڻ اچي ئي ڪونہ پيو.

"نيوٽن جا قاعدا پڇو" مون ڪيس چيو.

"ٻڌاءِ" وري بہ عجيب سوال.

"ڪهڙو ڪهڙي نمبر وارو!" پوري معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيس چيم.

"ڇڳو ويهہ! نٿو اچيئي." ائين چئي ٻئي تني ٿرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلاس لکي هليو ويو.

”مون کي ڪجهه نه ڏو اچي پڏائڻ يا توکي ڪجهه پڇڻ نه ڏو اچي دل ۾ ويڇ پوڻ بعد اهو جملو چپن تي اڀريو. صاحب جو سوٽ پوڀان چبرا ڏيندو اڳتي وڌي ويو ۽ وري هڪ ڇوڪر کان سوال پڇڻ لڳو.

”ڪير آن؟“

”سائين ميمڻ!“

”آصف چا ٿيئي؟“

”سائين چاچو آهي.“

”هان! چگو ويهه، ڪو ڪنڪوئي نه ڪر ۽ ڪيس فرسٽ ڪلاس ڏيئي، وري هڪ ڇوڪر وٽ آيو.

”ڪير آن؟“

”سائين چاڪي“

”اڙي! پوء ته تون مائٽ آهين“ تون به ڪنڌڪو ئي نه ڪر!“

وري هڪ وٽ وڃي ڏو.

”تون پڏاء، سڀي پاڻيء ۾ ٻڏي ٿي وڃي، پر جهاز ڇو نه؟“

صاحب مس مس ڪو هڪ سوال سوچيو ۽ اڻ ڇوڪر کان پڇيائين ”سا .... ئين .... سا .... ئين“!!! ڪيس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھہ نہ ٿو اچي ۽ نتائڻ خاطر رينگڻ ٿو ڪري،

”سائين! اهو استاد خان محمد جو ڇوڪر اٿو. ان جي پارت ھجيو“! استاد آچر چيو.

”چڱو تون بہ ويھہ“ ائين چئي، صاحب هنن سيني کي فرسٽ ۽ سون کي ٿرڊ ڏيئي، ڪجھہ پين ڇوڪرن کان بہ سوال پڇي هلڻ لڳو تہ مون، کيس چيو، ”سائين! سٺي ۽ جهاز واري سوال جو جواب سائنسي سبب مان پڌايانو. مون کي فرسٽ ڪلاس ڏيو نہ تہ منهن جو گربڊ ڪري پوندو.“

منهنجي ان غرض کي ٽڪي جي درخواست سمجهي، ڪو خيال نہ ڏنائين پر صرف گهوري نهارڻ لڳو.

”ڪير آهين؟“ رهڙ ڏيندي پڇيائين.

”سگهڙ“ معصوميت سان ڏاڍهنس ڏسندي چيم.

ويهہ .... ويهہ .... مڙوئي چڱي ٿيندي“ چئي هليو ويو. سندس وڃڻ سون لاءِ ائين هو، جڻ منهنجا ٻئي جهان هليا ويا هيءَ دنيا بہ ويئي تہ آخرت بہ.

ڪاش! منهنجو بہ ڪو مائٽ هجي ها، جنهن کي بہ ڪو وڏو عهدو هجي ها. جنهن کي بہ ھي صاحب سڃاڻندو هجي ها. تہ بہ مونکي فرسٽ ڪلاس ملي ٿي سگهيو. ڪاش! منهن جو ڪو مائٽ بہ ماستر هجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ها، ان ڪري ٻه مون کي فرسٽ ڪلاس ملي ٿي سگهيو. پر مون ٻي نصيب جو هن دنيا ۾ ماءُ کان پيو ڪو ڪونه هو.

ڇا ماءُ جهڙي عهدي کان وڏيڪ پيو ڪو عهدو آهي؟ ڪاش! هنن کي اها خبر هجي ته ماءُ جي عظمت ڇا ٿيندي آهي، ماءُ جي چاهنا ڇا ٿيندي آهي، ماءُ جي مامتا ڇا ٿيندي آهي، اها ماءُ جنهن جي پيرن هيٺان جنت هوندي آهي، اها ماءُ جنهن جي پٽ عرش کي ڏاري وجهندي آهي ۽ اها ماءُ جنهن جي دعا فقير کي بادشاه بڻائي ڇڏيندي آهي.

پر نه!! منهن جي ماءُ اٿين نه آهي. منهن جي ماءُ جي پيرن هيٺان جنت نه آهي، منهنجي ماءُ جي ڪرش ڏاري نه ٿي سگهي. منهنجي ماءُ جي دعا فقير کي بادشاه بڻائي نه ٿي سگهي. اگر اٿين هجي ها ته پوءِ مان هيٺن ٿرڊ ڪلاس ۾ نه اچان ها! پر امان جي دعا سان فرسٽ ڪلاس کان به وڌيڪ مارڪون کڻا ها. منهنجي ماءُ جي دعا الله وٽ ٻه ڪوني سگهي جيان قبول نه پئي.

هت ماءُ جي عظمت کان ڇگي عهدي وارو ماڻٿ وڌيڪ آهي .هت ماءُ جي دعا کان استاد جو مصنو ڳالهائڻ وڌيڪ آهي، ۽ هتي ماءُ جي پٽ عرش کي تـه ڇڏ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اھڙي صاحب جو پيٽ به ڦاڙي نه ٿي سگھي.

منھنجي ھڪ دل چيو ته اما ڪي چوان. زور زور سان چوان، جھنجھوڙي چوان. ڪاھن ڪان وٺي لوڏي چوان ته ”اما، تنھن جي ھن دنيا ۾ ڪا عزت نه آھي،! تنھن جي ھن دنيا ۾ ڪا سڃاڻ نه آھي! ۽ تنھن جي ھئڻ نه ھئڻ سان ھن دنيا وارن کي ڪو فرق محسوس نه ٿيندو، ان ڪري تون ھتان ھلي وڃ! — ھلي وڃ!! — ھلي وڃ!!! ھت تنھجي دعائن، پيٽ کي مٺيون ڏيئي، پئسا بچائي سون کي پڙھائڻ ۽ منھنجي محنت جو ڪو قدر نه آھي. ھت انھن جو قدر آھي، جن جا مائٽ وڏن عھدن تي فائز آھن، ھت انھن جو قدر آھي، جي ماسترن جا مائٽ آھن. ھت انھن جو قدر آھي، جن کي صاحب سڃاڻندو ھجي“

اڃا اھو فيصلو ڪري نه سگھيس ته اھا ڳالھه اما سان ڪيان يا نه! سان وري ان فيصلي تي سوچيندو، اڳتي ڏانھس وڃڻ لڳس، جا پنھن جي ۽ منھن جي پاپي من لاءِ ساني پچائڻ ويئي ھئي. مان چلھه ڏانھن ويس ڪيس ڏٺم پر رواجي نموني. مان سوچڻ جو شڪار ڪري رھيو ھوس ھن سنجھان ڪنھن ھڪ پڪيءَ کي نشانو بنائڻو ھو ته ڪيس اھا ڳالھه ٻڌايان يا نه؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوچتو مون ڪان چرڪ نڪري ويسو جو اسا ۾ ڪابہ چرپر نہ ڏٺم. وڌي ڏٺم تہ سنهن جي اڳيان بوتو هو صرف بوتو. هن جو روح گم هو. ان ۾ جان بوتي جي هٿن ۾ وڌايل ماني هئي. نہ ماني تئي ڏانهن وڃي رهي هئي ۽ نہ تئو مانيءَ ڏانهن. مون ڪنڌ مٿي ڪئي بوتي ڏانهن ڇتائي نهاريو. ان بوتي مان ماڻهوءَ جي عظمت بکي رهي هئي ۽ مندس ماستا جي سچائپ نظر پئي آئي. پر اها سچائي، اها پوءِ اها ۽ عظمت صرف مون کي ئي محسوس ٿي رهي هئي ڇو تہ هن ظالم معاشري جا ستايل بہ مان ۽ امانئي هياسين ہم چٽا صرف ہم چٽا.

مون وات کوليو. رڙيون ڪيم، پڪارون ڪيم وڏيون تمام وڏيون. پر انهن رڙين تي نہ آسمان ۾ ڏرڏلو آيو ۽ نہ ئي زمين ڦاٽي. نهوري پاڙي وارا آيا. اما بہ واپس موٽي ڪين آئي. مون بوتي سان ڳالهايو. آهستي آهتي ساڻس ڳالهايو. ڪانئس پڇيم تہ ”اما ڪيڏانهن ويئي آهي؟ بوتو خاموش رهيو. مون ڪيس ڪلهن کان وٺي روئي رڙيون ڪري پڇيو. ڏمندڙ نيڻ کڻي ڪانئس پڇيو تہ خدا تہ ”اما ڪيڏانهن ويئي آهي؟“

بوتي حيرت مان اکيون پٽيون، فرشتن واريون اکيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وات پڻيائين. زبان ڇورپائين ۽ چيائين تہ ”تنهن جي ماءُ
هڪ اهڙي دنيا ڏانهن راهي ٿي چڪي آهي، جتي سنڌيءَ
عظمت کان وڏيڪ زبانسي جا عهدا نہ هوندا. جتي
سنڌس دعا کان وڌيڪ ماسترن جي سفارش نہ هوندي.
جتي سنڌس ماتا کي سجاڻڻ وارا هيڪ نہ پر هزارين
هوندا. ماڻهن سان گڏ فرشتا بہ پوء. پياڻ زبان کي
ماڪن ڪري، وات بند ڪري، اکيون پوڻي ڇڏيائين.
سون کانئس پڇيو تہ، ”امان اوڏانهن ڇو وئي ؟“
بوتي پهرئين وانگر نظرون، نيڻ ۽ پلڪون مٿي ڪري،
سون ڏي ڏٺائين ۽ وات پڻي زبان کي حرڪت ۾ آندائين.
”تنهنجي ماءُ فرشتن کان بہ وڌيڪ عزت لائق هئي،
تسو هن کي ڪجهہ بہ نہ پڌايو. توائين سمجهيو هو تہ
رهن کي تنهن جي ساري ۾ ڪا بہ خبر نہ پوندي هوءَ
تہ تنهن جي دل جي هر ڌڙڪن سان ڳالهيون ڪندي
هئي. توکيس ڪجهہ نہ پڌايو پر تنهن جي دل کانئس
ڪجهہ نہ لڪايو. هن خاموشيءَ سان اهو سڀ ڪجهہ
پڌو، جيڪو تنهن جي دل کيس چيو، جيڪي ڪجهہ
تو سوچيو هو.“

۽ پوءِ .... ۽ پوءِ .... ۽ پوءِ هوءَ هلي وئي، توئي
کيس چيو هو تہ ”تنهن جي هن ظالم زماني وارن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي ڪا سڃاڻ نہ آهي، ان ڪري هاڻي وچ ”ٻوٽي
بس ڪري، وري ڇوڻ شروع ڪيو.
”پڇ، پيو ڇاٽو ٻيڻ چاهين؟“
هو ٻوٽو هوندي بہ ڳالهائي رهيو هو، پر ماڻ ٻوٽي
کان بہ وڌيڪ ٻوٽو بڻجي چپ ٿي ويس. چپ ....
چپ .... ۽ چپ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غيرت جي باھ

ھرڪو پنھنجي پنھنجي ڪم مصروف ھو. ڪي نوپيون ڏاھي رھيا ھئا، ڪي ڪپھ مان ڌاڳا وٽي رھيا ھئا. ڪي وري ڌاڳن مان ڪيس آڻي رھيا ھئا ته ڪي وري پوليس وارن جا ڪيسا گرم ڪري، آرام سان ڪمبل مٿان وجھيو سُتا پيا ھئا. ڪي ھوتن ڪي ڀاڻي ڏيئي رھيا ھئا. مطلب ته جيل جو ماحول حسب معمول ھلندو ٿي رھيو.

اوچتو اسان واري بئرڪ جو دروازو کليو. سامھون ھڪ حسين چھرو نمودار ٿيو. ھن بئرڪ ۾ ٻه قدم اڳتي وڌايا مس، ته دروازو بند ٿي ويو. بئرڪ جي ھرقيدي جو ڌيان ان ”جو ان“ ڏانھن ڇڪجي ويو. ھن جي چھري تي عجيب قسم جي مرڪ ھئي. فتح ھئي، ڪاميابي ھئي ۽ ڪامراني ھئي. سندس ھروڪ ۾ ھڪ نئو عزم ھو. ھو اچي لياقو ماڇيءَ جي پر ۾ ويٺو سڀ وائڙا بنجي ڏانھنس ڏسي رھيا ھئا سون تہ ڇا سندس اڳ ۾ ئي اسان جي دوست لياقوءَ سان واقفيت ھئي ڇا؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهستي آهستي اسان سيئي قيدي، هن جي چوڪيداري مٿي آياسين ۽ ڪانئس جيل ۾ اچڻ بابت پڇيوسين. پاڻ ٿڪل هئڻ جو منهن ڪري، سڀاڻي ٻڌائڻ جو وعدو ڪري سمهي پيو. صبح ساڻ سڀ قيدي پروانن جيان، اچي سندس چوڌاري ڦريا ۽ پاڻ جيل ۾ اچڻ جو سبب ٻڌائڻ شروع ڪيائين، "اڄ کان ڪافي سال اڳ بابا کي اسان جي ٻني تر جي وڏيري مارائي ڇڏيو هو."

"ڇو ادا!" "مان رهي نه سگهيس ۽ ڪانئس تڪڙ ۾ ئي پڇيم "چاڪاڻ جو وڏيري منهنجي حسين پيڻ ۾ بري نظر رکي، پنهنجا پالتو شيطان موڪليا. بابا انهن سان لڙيو، وڙهيو. پنهنجي ننگن تان، پنهنجي عزت تان ۽ پنهنجي پڳ تان، پر ساٿيون انهن ظالمن پنهنجي رستي صاف ڪرڻ لاءِ بابا کي پنهنجي راهه جو اڻ وڻندڙ پٿر سمجهي گوليءَ جي هڪ ئي جهٽڪي سان راهه مان هٽائي ڇڏيو.

"۽ ادي!" راهب جي وات مان رڙ نڪري ويئي. "۽ ادي پائرو پنهنجو پاڻ کي ڇري سان ماري ڇڏيو." "پوءِ ادا" سوالن جا سونٽا هر هر مٿس وار ڪري رهيا هئا.

"پوءِ پائرو! باقي گهر ۾ مان ۽ امان رهندا هئا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سون، اِنڌ مون لاءِ ٿي جيئندي هئي. آخر جڏهن ٻارهن سالن جو ٿيس، تڏهن اما به مون کي هن جهان ۾ اڪيلو ڇڏي هلي ويئي هئي! بلڪل اڪيلو!! ـ ٻـوءِ مان پيءُ ۽ ماءُ ۽ ڀيڻ جي قبر کي ڳوٺ ۾ ئي ڇڏي آيس. پنهنجي اباڻن ڪکن کي خير باد چئي ٻي يارو مددگار شهر هليو آيس. جڏهن منهنجي جواني جي رت ۾ واولو پيدا ٿيو ۽ گرم خون موجون مارڻ لڳو، تہ مون کي ضمير پڪاريو تہ ”او نوجوان! اٿ، پنهنجي پيءُ جو پلاند ڪر. پنهنجي ڀيڻ جي شرافت ۽ غيرت جي خون ۾ رنگيل چادر جو عيوض وٺ، بس.... بس.... بس! مون کي وڌيڪ نہ چئہ“ مون ضمير کي چيو ۽ پنجن سالن جي مزوريءَ مان بچايل پئسا کڻي بازار ويس ۽ هڪ ڇرو ورتم. تيز تيز! هڪ رات سرديءَ جي موسم ۾ ڇرو ور ۾ وجهي؛ غيرت جي باهہ ۾ جذبات جون ڪاٺيون سوريندو، اڌڪل اڌ رات جو وڏيري جي بنگلي ۾ پهتس. چوڪيداري رات جي راڄ هيٺ ڪري ساڻت ٿي سانت لڳي پئي هئي. مون ڇرو ڪڍي هٿ ۾ ڪيو ۽ دل جي تيز ڌڪ ڌڪ تي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم. بنگلي جي ڪمري ۾ گهڙيس. وڏيرو بي خوف و خطر ننڍ ڀاڳي ننڊ جي آغوش ۾ مدهوش

هو، مون هٿ کي هوا ۾ ڦيرائي تيز تيز ڪٽي ڇڏيو. صرف ”آئي“ جو آواز اڀريو.

ٺيڪ ان وقت چوڪيدار، جيڪو صحن ۾ ننڊ پيو هو، پاسو ورايو مون سمجهو ته شايد جاڳي پيو آهي، مو وڏي وڃي، ان جو ڪم لاٿم، پر سندس رڙ ڪي روڪي نه سگهيس. هن جي رڙ تي پر وارو پيو همراهه سجاڳ ٿيو ۽ ان جي رڙين تي سڀ ماڻهو سجاڳ ٿي پيا ۽ مون کي پڪڙي وڌائون.

سڀ ڪان پهريائين پوليس جا پادر ڪاڌم سندن ظلم ستم جن جي ته اوهان سيني کي خبر آهي. يعني پيرن جا ڪوڪڙا، هٿن جي ترين هيٺان ڏيئي، مٿان ڪٺ جي پاوا رکيءَ پاون تي وري اٽ اٽ پوليس وارا چڙهي ٿي ويٺا، سڄو اگهاڙو ڪري .... ۾ مرچ وجهندا هئا. ڏنڊيون وجهندا هئا. مطلب ته ماري ماري پاهه ڪري ڇڏيندا هئا.

ڪيس سول ڪورٽ ۾، ان بعد سيشن ڪورٽ ۾ ۽ آخر هاءِ ڪورٽ ۾ هليو. غربت ڪري مان هاءِ ڪورٽ جا وڪيل، ڪٿي ٿي ڪري سگهيس؟ پر هڪ وڪيل کي مون تي رحم اچي ويو، جنهن مفت وڪالت ڪئي. پر مفت جي وڪيل مان ڪوبه فائدو ڪين رسيو، اڄڪلهه چار سال کن ته ڪورٽن جا چڪر ڪاٽيم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بعد ۾ هاءِ ڪورٽ عمر قيد جي سزا ٻڌائي.“

حال احوال ٻڌائي بس ڪيائين، تڏهن ٻہ هن جي منهن تي مرڪ هئي، غيرت هئي ۽ ڪاميابي هئي، ڇاڪاڻ جو هن پنهنجي عزت جو پلاند ورتو هو، پنهنجي پيءُ جو پلاند ورتو هو ۽ پنهنجي ڀيڻ جو پلاند ورتو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

... ۽ ڳئون کي زمين ڳهي ويئي

سائين! اهو هاري، هاريءَ جو پٽ، ٿو اوهان جي شان ۾ گستاخي ڪري. اوهان حڪم ڪريو، جي لاش نه ڳوليو لڀين." نورل ڪمدار وڏيري بهرام کي چيو.

"ها پوٽارا! نورل بلڪل صحيح ٿو چوي. رڳو اوهان جي اک جي اشاري جي دير آهي، پوءِ ڏسو ته ڇا ٿا ڪيونس" آنڌل به وڏيري کي نورل جي پٺ پرائي ڪندي چيو.

"ها سائين! صرف اوهان جو حڪم کپي، پوءِ ڏس جو ته ڪيئن ٿا بڻ بڻياد رلايونس" خانو نوڪر به وڏيري کي زور ڏيندي چيو. "اسان اوهان جي حڪم هڏڻ لاءِ آيا آهيون سائين!" شيرل به ورڻيو. "اها گستاخي نه رڳو اوهان سان، پر اسان سان به ٿيندي آهي" جعفر وڏيري کي سمجهائيندي چيو.

"ها سائين! اوهان کي ته ڏسي رڳو کهنگهڪار

ڪيائين، پر اسانکي ڏسي ته مچون مرڻيندو آهي ۽ اکين ۾ ڪٽي شور وجهندو آهي." دلبر جعفر جي ڳالهه کي وڌائيندي چيو. "ڪالهه اوهان جو ٻچيل نڪر ڪائيندو هو، اڄ پٽ پاڙهيا اٿس، ته پاڻ کي الاجي ڇا ٿو سمجهي." الياس به چڙچاگيري ڪئي.

"هن سمجهيو هو ته هتان نڪري ڪنهن شهر ۾ ويهندس ته مون کي ڪجهه نه ڪري سگهندا! پر ڪيس خبر هئڻ گهرجي ته هن ضلعي جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ ويهندو ته اسان کان ڳجهو نه رهندو. ڇاڪاڻ جو هن ضلعي جا چور اسان جي سلامي ڪرڻ ايندا آهن."

حاجي به رهي نه سگهيو باقي هن ضلعي جي حد ٽپي وڃي ته پوءِ ڪٿي ـــ " نورل اچا چئي ئي چئي، آنڌل سندس جملي کي ڪپيندي چيو "پوءِ به ڪيس سک ۽ سانت سان سهڻ نه ڏينداسين."

"اڳهر ڪهڙا ڦڙها ماريا اٿو، جو هاٽي ٽالپاڙون هٽو." وڏيري جوش مان ڏند ڪرڻيندي چيو." ڪيڏيل ڪيل ڏاند، اوهان کي پاڙي بنائي ڪسي ويو. حال اٿو اهي ۽ ڀاڙون ته کهڙيون ٽا هٽو." وڏيري سيني کي چيو. سندس آواز بنگلي جي ڀتين سان ٽڪر جي، وري به ويڙهن جي ئي ڪنن ۾ وڃڻ لڳو.

"سائين، تنهن ڏهاڙي، ته اسان اچا ڏاند ڪيڙهائي مس، ته دودو سچ پڪ ئي پيو. ڪو هٿيار پنهوار به ڪونه هو. نه ته اسان به ڪيس اگهور ننڊ ۾ سمهاري، ڏاند

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاهي اچون ها.“ نورل پنهنجي دليري ظاهر ڪندي چيو.

”چڱو ڀلا!“ ماحول تي وڏيري جي انهيءَ جملي خاموشي طاري ڪري ڇڏي. ”سندس گهر ۾ ٻاتي گهڻا آهن؟“ ”سائين، سندس هڪڙو پٽ ڪلارڪ آهي، جو ٻه جوءِ سميت رهندو آهي شهر ۾. سندس ٻيو پٽ جو ڊاڪٽر آهي، سو به شهر ۾ رهندو آهي. باقي پاڻ، سندس زال ۽ ننڍڙا ٻار گهر ۾ هوندا. ٻيا ڪنڙا ٻاتي گهر ۾ هوندس.“ آنسدل دودي جي گهر جو تفصل وڏيري کي ٻڌائيندي چيو. ”هان....“، جيئن ڪجهه وقت وڏيرو سوچڻ جي دڪان تان خريداري ڪرڻ هليو ويو ۽ خريداريءَ بعد نورل کي سڏ ڪيائين ۽ ڪيس ڪن ۾ ڪجهه چئي ڪيٽ مان به روالور ڪڍي ڏنائين. آندل نورل ۽ شيرل ڪسان سواءِ، ٻيا سڀ وڏيري جي اجازت سان وڃي چڪا هئا. هاڻ وڏيري هنن ٽنهي کي ڪجهه وقت سمجهائي تاڪيد ڪري موڪل ڏني.

رات ڏرتيءَ تي پنهنجو راڄ قائم ڪري چڪي هئي. روشنيءَ تي اوندهه قابض ٿي چڪي هئي. اڄوڪي رات چنڊ کي به آسمان تي چڙهڻ جي اجازت نه هئي. ان اونداهي ۽ تاريڪيءَ جي عالم ۾ ٽي ڄڻا ڳوٺ مان ٻاهر نڪتا. ٻه اڳيان ۽ هڪ پويان وڃي رهيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا. اڳين ٻن ڇٽن جا هٿ اڳتي هئڻ مان اهو محسوس ٿي رهيو هو تہ سندن هٿن ۾ هٿيار هئا. باقي پوين اڳتي پوئتي ڏسندو، هيڏي هوڏي واجهائيندو، هنن جي پويان وڃي رهيو هو. اهو طويل ۽ خطرناڪ سفر اٽڪل هڪ ڪلاڪ جاري هو ۽ آخر منزل مقصود تي پهچي ويا.

ان رات جي پوئين پهر جي مٺڙي ۽ ٿڌڙي هير سڄي شهر وارن کي ننڊ جي آغوش ۾ سمهاري ڇڏيو هئي ايتري قدر جو ان پاڙي جو چوڪيدار بہ خوابن جي دنيا جا چڪر هڻي رهيو هو. هٿين خالي شيرل کي چوڪيدار جي بندوق ڏيئي، ڪيس هن جي مٿان پهري ڇڏين. باقي آنڊل ۽ نورل روالورن کي مضبوطيءَ سان پڪڙي، دودوي جي گهر طرف وڌيا. نورل در تي بيٺو ۽ آنڊل کي ڪن ۾ تاڪيد ڪيائين تہ ”ڪو جهڳو تہ روالور جي گهوڙيءَ کي لوڏو ڏيئي، ان کي ننڊ ۾ سمهاري بہ ڪاڻن ڪير ضرور ڪسي اچج“. آنڊل ٻئي هٿ دودي جي گهر جي ٻاهرين ڀت تي رکي، تڪڙو تڪڙو اهڙو ڇال ڏنو، جو بنا دير وڃي ڀت تي پهتو. ڀت تان ٿورو اڳتي وڌي، پريان گنديءَ تي پير رکي، هيٺ ٻهه تي ٽپ ڏنائين.

ٽپ ڏيئي، يڪدم پنهنجو پاڻ سنڀاليائين ۽ چوڌاري

هڪ طوفاني نظر وڌائين ڪيس ٻريان زال ۽ مڙس هڪ ڪٽ تي ۽ ٻه ٻار ٻيءَ ڪٽ تي مئل نظر آيا، ڇهئي بيجان جسم پيا هئا. اوريان هن پاسي صرف هڪ ڳئون ٻڌي هئي. آندل ڳئونءَ جي ويجهو آيو ۽ ور مان ڇڙو ڪڍي، ان جو رسو ڪپائين. پوءِ ڳئون ڪاهي، اندرئين خالي ڪڙي واري در کولي ٻاهر نڪتو ۽ در کي ٻاهران ڪڙو ڏيئي، ڳئون نورل حوالي ڪري، پاڻ ڳئونءَ کي هڪليندو هلڻ لڳو.

هوڏانهن چوڪيدار جي مٿان شيرل بندوق ڪنيو بيٺو هو. چوڪيدار جي هڪ پيرو اک ٻنجي ويئي، پر مٿان ازغيبي آفت ڏسي، سجاڳيءَ جي بجاءِ وڏا ڪونگهرا هڻڻ لڳو.

آندل ۽ نورل جي وڃڻ بعد شيرل چوڪيدار جي وات ۾ پتر وجهي هن کي چوڪنيو ٻڌي، بندوق کڻي هنن سان وڃي مليو. چوڪيدار دل ئي دل ۾ ڪلمو پڙهيو ۽ چيائين ته، ”شڪر آ آفت ٽري ۽ جان ٻه بچي.“

آندل، شيرل ۽ نورل. اڳيءَ ته اڪيلا صرف ٽي ڄڻا هئا، پر هاڻي ساڻن ڳئون ٻه هئي. ڪجهه وقت پهرين وانگر خطرناڪ سفر پوري ڪرڻ بعد پيالي وٽ پهتا، جتي سندن انتظار ۾ ڪي همراهه اڳيئي ويٺا هئا جن

ڪي وڏيري ڇٽي ڇڏيو هو. هنن ڳيئون انهن جي حوالي ڪئي ۽ پاڻ پڪا پڪا پنا وٺي، اچي ڳوٺ پهتا.

صبح جو جڏهن ڪڪڙن بانگون ڏنيون، ماڻهن کي سڄ ڳيءَ جو پيغام ڏنو، تڏهن دودو جاڳيو ۽ ڳيئون نه ڏسي، در کولڻ لاءِ وڌيو پر در ٻاهران بند هو. پوءِ هو پٽ ٽپي ٻاهر نڪتو ته ڳوٺ ۾ ڪيس ماڻهن جو ميڙ نظر آيو، جي ٻڌل چوڪيدار جي مٿان بيٺا هئا. جڏهن ڪيس کوليائون ته پڇيائين ته ڪجهه نه پئي ڳالهايائين پر پوءِ جڏهن هوش ۾ آيو، تڏهن رڳو ائين چيائين ته ”ٻي چور هئا. منهنجي بندوق به کڻي ويا.“

پيري آيو پير کڻيا ويا. پيرا هلي هلي اچي انهيءَ ٻيلي وٽ ختم ٿيا. اڳتي اصل نه وڌيا. گهڻي ڪوشش ڪئي ويئي، پر ڳيئونءَ کي ڄڻ زمين ڳڙهي ويئي.

★ ★
★ ★

"منزل جي تلاش"

رات جو ٻي ٻجي، پير پير ۾ ڏيئي گهر کان ٻاهر نڪتي، "خبردار" اوچتي آواز تي هوءَ ڇرڪي ويئي آواز چوڪيدار جو هو. "توهان هن وقت ڪيڏانهن وڃي رهي آهيو؟" چوڪيدار شوخ لهجي ۾ چيو.

هوءَ خاموش ڪيس تڪي رهي هئي. اوچتو فضا ۾ ٻه فائر ٿيا. چوڪيدار ڀڄي ويو ۽ هوءَ اچي ڪار ۾ چڙهي، جيڪا سندس ماسات موڪلي هئي. راشد جو جو سانس بي انتها پيار هو ۽ عاشي به کيس چاهيندي هئي. پر هنن جي پيار جي وچ ۾ عاشيءَ جو پيءُ ديوار هو ۽ ان ديوار کي ڪيرائڻ لاءِ هنن اهو رستو اختيار ڪيو هو.

ڪار ۾ عاشي ۽ ڊرائيور کان سواءِ ٻيو ڪوبه ڪونه هو. هو پنهنجي ڳوٺ کان تمام گهڻو پري نڪري چڪا هئا. ڪار تيزيءَ سان اڳتي وڌي رهي هئي ۽ جهنگ جهر کي پوئتي ڇڏيندي ٿي آئي. ڪار جي ڦيٿن

ڦرڻ سان گڏ عاشيءَ کي ڪيئن خيال ايندا رهيا. اوچتو بريڪ سنلس خيالن جي گــل دستي کي ٽوڙي ڇڏيو. ڪار آڏو هڪ ماڻهو روالر سان بيٺو هو پرسان موٽر مائيڪل بيٺل هئي رستو بلاڪ ٿيل هو.

عاشي ڪار ۾ ويٺي رهــي ۽ ڊرائيور دروازو کولي ٻاهر نڪتو. ”ڪير آهيو؟“ پٺ پٺل شخص ســواليه انداز ۾ چيو ”ڏسو! سچ نه ڳالهايو ته مان پوليس کي اطلاع ڪندس.“ ڊرائيور تي خوف طاري ٿي ويو ۽ هن سچ ڳالهايو.

”جي .... هي ڪار راشد صاحب جي آهي ۽ هن مونکي موڪليو هوته مان عاشيءَ کي ڪٺي اچان.“

”هان تون هن عورت کي ڇڏايو ٿو وڃين. آءٌ هينئر ئي پوليس کي اطلاع ٿــو ڪريان.“ ڊرائيور جو هٿ ازخود ڪيسي ڏانهن وڌيو ۽ جلدي واپس آيو پر خالي. هي اهو ڏسي دنگ رهجي ويو ته سندس روالور هن ماڻهوءَ جي هٿ ۾ هو. ”اهو ماڻهو ڪير آهي؟ ڪيڏانهن آيو؟ شايد اختر هجي فائر جي آواز تي اچي اڳ ورتو اٿس. پر سنهنجو روالور هن وٽ ڪيئن آيو؟ شايد فائر ڪرڻ وقت تڪڙ ۾ عاشي آئي ۽ مــان ڪار کي اسٽارٽ ڪري هليو آيس. اتــي ڪريو هجي ۽ پوءِ هن کنيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي.“ سندس خيالن جو چمن ڪڙي ويو.

”هل هلي ڳڌيءَ ۾ ويهه ۽ ٻڌ! پيڇڻ جي ڪوشش ڪئي اٿيئي ته ٽي سئو ريون گوليون تنهن جي سيني ۾ لهنديون.“

”ها .... ها .... پر .... هلان ڪيڏي؟“

”پوليس اسٽيشن تي“ تو .... توته .... چيو ....“

”بڪواس بندڪر. سڌو ٿي هل.“

ڪار ۾ سندس لونڊڙيءَ تي روا ور زڪيل هو. ۽ لاڪي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿيئي ته سنهن جو نالو اختر اٿيئي.“ ڪيس هليو عاشيءَ بيان ڏنو تــ ”راشد مان مان پنهنجي رضا خوشيءَ سان شادي ڪئي ڪريان.“

جج صاحب ڪين اجازت ڏني. اڄ هوهڪ نئين محاذ تي پير رکي رهيا هئا. اڄ هنن پنهي جي پيار جي وچ ۾ جــا ديوار هئي، سا ٽٽي چڪي هئي. اڄ هنن هٿن تي لال ميندي لڳل هئي. اڄ هو پنهن جي منزل تي پهچي چڪا هئا، جنهن جــي تلاش ۾ هنن ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجو انتظار آ ....

”مينا! ! تون منهنجي محبت جو نشانو تڏهن بڻجي هئينءَ، جڏهن مان ڪچڙيءَ ۾ ويٺو هيس ۽ اتي هڪ دوست مون کي چيو هو ته ”تنهجي شادي پاڙي واري مينا سان ٿيندي.“ مون هن کي پڪ ڏياريندي چيو هو ”ته تون بلڪل غلط ٿو چوين، ڇاڪاڻ جو مينا ۽ منهنجي وچ ۾ ذات جي هڪ تمام وڏي ديوار آهي، جنهن کي اسان جيترو ڊاهڻ چاهينداسين، اوترو ئي هو بلند ٿيندي ويندي“

پر مون وارو دوست ٻي وائي نه واري، رڳو ويٺو چوي ته ”تنهن جي شادي پاڙي واري مينا سان ٿيندي.“ هن جي مون سان شادي ٿي نه ٿي سگهي، ان جو ٻيو سبب اهو آهي، جو مينا مون کان وڌيڪ پڙهيل آهي ان ڪري به هوءَ مون سان شادي نه ڪندي.“ مون هن سان تمام گهڻو بحث ڪيو. پر هو وري به چوي ته ”تنهن جي شادي مينا سان ٿيندي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مون پنهنجي والدين کي به دفعا مينا جي سنگ لاءِ
هن جي سانئن ڏانهن سوڪليو آهي، پر هو نٿا مڃين.“
مون پنهنجو آخري دليل سند ۾ آڏو پيش ڪيو. پر هو
چوي ته، ”تنهنجي شادي سينا سان ٿيندي.“
منهنجي دوست جي هر هر انهيءَ ورجايل جملي، مون
تي اهڙو اثر ڪيو، جهڙو بجليءَ تي پاڻي. مون ڪاوڙ
مان کيس گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ چيو ته ”چڱو هاڻي بڪ
بند ڪر، ڪنهن مقصد واري ڳالهه کي وٺ“ پر هو
ڪنهن بيءَ ڳالهه ڏي وڃڻ ئي ڪونه. چيائين ته ”چڱو، اگر
اها شادي ٿي ته پوءِ مٺائي کارائيندين؟“
”ها! ها! ڪوڙ مٺائي، جئين ته هينئر ئي کارايانءِ
پر رڳو مات ڪري ويهه.“ مون کيس چيو.
پوءِ هو خاموش ٿي ويو. شايد ڪاوڙ جي ويو هو،
جو وري مون سان اصل نه ڳالهيائين. بلڪل خاموش
هوندو هو. هڪ ته ڪچهريءَ تي ايندو ئي ڪونه هو
اگر ايندو به هو ته مون کان پري پري رهڻ جي ڪوشش
ڪندو هو.
مان سوچن جي دنيا ۾ گم هوندو هوس. هر وقت
مينا منهنجي خوابن جي شهزادي بنجي گفتگو پيئي ڪندي
هئي. هڪ رات مون اهو واقعو دهرائيندي چيو ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن ته تون اسان وٽ پرت پرڻ ايندي هئينءَ. هڪ ڏينهن جڏهن سڀ ساٿ شاديءَ تي ويا هئا، تڏهن تون آئي هئينءَ. گهر ۾ مون ۽ تو کان سواءِ ٻيو ڪير نه هو. ان وقت سون تو سان محبت جو اظهار ڪيو هو ۽ تو به محبت جو جواب محبت سان ڏنو هو.

مون پنهنجي محبت جو اظهار، پنهن جي ماءُ سان ڪيو هو. جنهن پڇريائين ته گهٽ وڌ ڳالهايو پر وري به پنهنجي اڪيلي ۽ سڪيلڌي پٽ جي گهڻي اصرار تي، تنهن جي گهرڻيون ڏنيو آئي ۽ تنهن جي ماءُ سان ڳالهايائين جنهن پنهنجي ماءُ جي گهڻي اصرار تي مڃيو ته سهي پر ڪجهه وقت جي مهلت گهريائين ته جيئن تنهن جي پيءُ سان ان باري ۾ ڳالهائي سگهي.

مان ان وقت خودڪشيءَ جي راهه تي پهتو هوس جڏهن تنهن جي والد تنهنجو سنگ، مون کي ڏيڻ کان انڪار ڪيو. تنهنجي وڏي مهرباني جو تو مون کي سول مئريج جو يقين ڏياريو ۽ مون کي خودڪشيءَ جي راهه تان هٽايو پر مون ستي ڪئي ۽ ڇهه ته وڪالت جو امتحان ڏيئي وڃان ته پوءِ ....

پر اها خبر نه هئي ته منهن جي وڃڻ کان پوءِ آسمان ۾ ڌرتلو پيدا ٿيندو ۽ زمين ۾ زلزلو ايندو. جيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهن جي آسن ۽ اميدن کي غرق ڪري ڇڏيندو. اڄ ڇڏهن امتحان ڏيڻ بعد واندو ٿي ڳوٺ آس تہ خبر پيئي تہ تون هڪ اهڙي شخص وٽ وڪامي ويئي آهين، جيڪو تنهنجي پيءُ جيڏو آهي.

مون پڇيو تہ "تنهنجي ان سان شادي ڇوڪرائي ويائي؟" ان جو جواب اهو مليو تہ "هو دولت مند هو." تنهنجي والد کي هن ايترا پئسا ڏنا، جن جي عيوض، تنهنجي احساسن کي مڌي ڪاتيءَ سان ڪٺو وينو. دولت، خاطر سڀ رشتا وساري، تنهنجي ائين هڪ پيءُ جيڏي سان شادي ڪرائي ڇڏيائين. ان دولت تنهنجي پيءُ جي اکين تي پٽيون ٻڌي ڇڏيون.

مون کي اڄ بہ ان دوست جا چيل اکر ياد ٿا اچن تہ "مينا جي شادي تو سان ٿيندي". مينا! اڄ بہ مان تنهنجي انتظار ۾ آهيان تہ ڪڏهن ٿا ان دوست جا اکر حقيقت جو روپ وٺن ۽ ڪڏهن ٿي تون اصلي مينا بڻجي، نوڙن ۽ دنيا جي رشتن جا قيد ٽوڙي، اڏامندي مون وٽ پهچين. مون کي اڄ بہ تنهن جو انتظار آهي مينا!....

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"عشق ۾ گهاري"

هوءَ ڪالهه اسان وٽ آئي هئي. هوءَ ڏاڍي چلولي ۽ چنچل هئي. سهڻي اهڙي هئي، جهڙو سنڌڙي انب. سنڌس نڪ گدرري جي ڦار جيان، اکيون گول گول ۽ وڏڪريون، جهڙيون هرڻيءَ جو اکيون، چپ گلاب جي گل جهڙا گلابي ۽ ڳل، انهن جي تہ ڳالهہ ئي نہ ڪر جهڙا ڳاڙها صوف.

ڪاليج ۾ ويٺي سوڊن جي تيز تيز ڦرنڌڙ ڦيٿين هيٺان ڇپانجي رهيو هوس. ساران سڌريل گهراڻي جي هڪ لکيل پڙهيل عورت هئي پر جهيڙا ۽ فساد هن ظالم معاشري جو ناسور ٿي هوندا آهن. ائين ساران جي پيءُ يعني سنهن جي چاچي آندل جي ۽ اسان سان، ڏاڍي مرحوم جي وفات بعد زمين جي معاملي ۾ جهيڙو ٿي پيو. جهيڙو وڏو تہ ڪونہ هو پر تڏهن بہ اچڻ وڃڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ بند هو. پورا اٺ سال جهيڙو هليو. آخر چڱن مڙن سس وچي ڏاهہ ڪرايو.

جڏهن ڪشمير جو مسئلو حل ٿي ويو.

ڏاهم بعد هو اسان وٽ پهريون دفعو آيا هئا. مان جڏهن ٻارهن سالن جو هوس، تڏهن کان اچڻ وڃڻ بند هو. ان وقت مون کيس ڏٺو هو، تڏهن تہ مون کي هڪ رواجي ڇوڪري لڳي هئي ۽ هاڻي .... هاڻي تہ هوءَ مومل بڻجي ويئي آهي. مون کي جڏهن اها خبر پيئي تہ هاڻي هوءَ اسان جي گهر ۾ رهندي ۽ پڙهندي بہ هتي. پوءِ تہ مان ايترو خوش ٿيس، جنهن جو مثال نہ ٿو ملي.

مان ماءُ پيءُ جو اڪيلو پٽ آهيان. بابا بئنڪ ۾ ڪلارڪ آهي. مڙوئي وقت مٺو پيو گذري. مان ڊاڪٽريءَ جي ٽئين سال ۾ پڙهندو آهيان.“ منهنجي دل اڄ چاهي ٿي تہ ”سندڙي انب مان ٻہ ٻول ٻولجن.“ پر وات سٽ ئي نہ ٿو ساري. آخر زبان کي گهٽين آزين ۽ نيزارين کان پوءِ ڪجهہ ڳالهائڻ جي لائق بنايم جڏهن هوءَ ڪاليج کان موٽڻ وقت گهرجي در وٽ ملي تڏهن زور مس ڪري ساڻس ڳالهايم سا .... ران! .... خوش آهين .... !.

ناڪام جملي ڳالهائڻ کان پوءِ ائين محسوس ڪري رهيو هوس تہ جڻ ايورسٽ چوٽي سر ڪري آيو هجان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”جي .... شڪر آ .... اوهان جي دعا ڪري“ اهي لفظ ائين چئي وئي جڻ پاڻي ٿي وئي.

مان ته هر وقت تو کي دعائون ڪندو ٿو رهان. اهو وقت ياد نه اٿم جنهن وقت تو لاءِ قادر ڪن ڪرم نه گهريو اٿم. مان ته هر وقت هر گهڙي – هر پلڪ .... هر ساعت .... هر پهر ....“

”بس .... بس .... بس .... مهرباني“ منهن جي جملي کي ويرانيءَ جي رڻ ۾ رولي، ائين چئي اندر هلي وئي. مان ڳالهائڻ ۾ ائين شروع ٿي ويس، جيئن رڪشا جو ميٽر.

”بس – بس – بس – مهرباني“ اهي لفظ هر هر منهنجي دل جي ٽيپ رڪارڊر تي وڄي رهيا هئا.“

مهرباني منهن جي ڪهڙي؟ مهرباني ته تنهن جي آهي، جو تون مون کي پنهن جي منڻن ۽ محبت ڀريل لفظن سان نوازيو آهي. مان سائنس فري ٽيڻ جي ڪوشش ڪندو هوس پر سمجهان ٿو ته هوءَ مون کي ايترو نه ٿي پاڻي جيترو آءٌ ڪيس! :

ان ڏينهن منهنجي دل کي جهٽڪو لوهه جو وڏاڻ لڳي چڪو هو. مون ائين سمجهيو ته مون کي ڪنهن اوچي چوٽيءَ تي چاڙهي هيٺ ڌڪو ڏنو ويو آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاڪاڻ جو مون کيس اڪبر سان گڏ خريداري ڪندي ڏٺو هو.

هن کي ڏسي منهن جي من ۾ عجيب قسم جي گهٽ پيدا ٿي. مان گهٽ کان جان ڇڏائڻ لاءِ گهر ويس پر منهن جي دل اداس هئي. من وياڪل هو. پاڻ کي گهر ۾ بلڪل اڪيلو محسوس ڪرڻ لڳس گهر ۾ سڙو نه آيو. ٻاهر نڪري آيس. ٻاهر ڪيئين ماڻهو اچي وڃي رهيا هئا پر مون کي ائين محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ سڄي دنيا ۾ اڪيلو آهيان، اڪيلو.

جنهن به ”جوڙي“ تي نظر ٿي پيم ته ائين ٿي سمجهيم جيئن اڪبر ۽ ساران. مون کي هن دنيا کان نفرت ٿي پيئي سخت نفرت. مان شهر جي هڪ ٻاهرين هوٽل تي اچي ويٺس. سڄي هوٽل ماڻهن سان ڀريل هوندي به مون کي خالي نظر اچي رهي هئي. بيري کي ٿڌي جو آرڊر ڏنم بوتل پي، بل ڏيئي هوٽل کان ٻاهر آيس. اڄ مون کي هوٽل مان ڪوبه مزو نه آيو، ان ڪري وري گهر ڏانهن به رخ ڪيم.

گهر جي در ٽپڻ سان هن تي نظر پيم. سندس ويجهو اچي پنهن جي حال کان واقف ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ساران! .... مان .... مان .... توسان محبت ٿو ڪريان .... ساران!“

”ها، سڪندر! مان به تو سان محبت ٿي ڪريان“

سندس ان جواب مان ڪري سان ايترو ته خوش ٿيس، جو اصل ڪپڙن ۾ ني نه پئي ماپيس ۽ اڪبر سان هن جو گڏ وارو منظر وهم ثابت ٿيو. ساران کي اسان وٽ رهندي، ڏيڍ سال کن ٿي ويو هو. مون چاهيو پئي ته هوءَ ۽ مان پنهنجي زندگيءَ جا به همسفر مسافر بڻجي منزل مقصود تائين پهچڻ لاءِ ڪوشش ڪريون.

اڄ جيئن ئي ڪاليج مان واپس آيس ته ”تار“ پيئي هئي، منجهس لکيل هو ته ”ساران جلدي پهچي وڃ“. ساران ته ان ئي ڏينهن ڪوٽ هلي ويئي، پر منهن جي دل ۾ ڪئين خيال آيا ۽ ويا ٿي. بلڪل ائين جيئن واپڊا وارن جي بجلي هر گهڙيءَ ايندي ۽ ويندي آهي .... منهن جي دل تي ان تار تلوار جهڙو اثر ڪيو. مون کي ڪٿي به آرام نه آيو.

نه گهر ۾، نه ڪاليج ۾ نه هوٽل ۾ .... ڪٿي به نه !!

دل بهلائڻ لاءِ دوست اختر ڏانهن ويس. اختر مون کي بازار ۾ مليو. وچي هوٽل ۾ ويهاريون چيائين،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”يارا خبر اٿئي تہ اڪبر جي شادي ٿي رهي آهي.“

”ڪنهن سان؟“ عجب ۽ سواليہ انداز ۾ پڇيو مانس. ”يار هوءَ ڇوڪري ڪانہ هاٿي آئي آهي خانواهڻ واري، ان سان.“ طنزيہ مرڪ مرڪندي چيائين

ائين لڳو، جيئن ڪنهن منهنجي مغز کي هٿوڙي جو ڌڪ هنيو. چرڪ ڀري، پاڻ سنڀالي. ويس ”تو کي ڇا ڏيو؟“ عجب ۾ پوندي چيائين.

”هان، مون کي؟ مونکي ڇا ڏيندو“. ننائيندي چيم.

”ڇگو ڇڏ ڳالهين کي .... هل .... هلون“

گهر آيس. اما چيو ”ابا، ڪارڊ آيو آهي.“

”ڦاڙي ڇڏ انهيءَ ڪارڊ کي“ ڪاوڙ منجهان چيم. پر وري دل ۾ خيال آيو تہ متان مون لاءِ ڪا ڳالھ هجي. پڙهڻ شروع ڪيم.

برادرم. بهرام خان!

جيئن تہ منهن جي ڌيءُ جي شادي هڪ ڇڱي خاندان جي فرد اڪبر سان ٿي رهي آهي، ان ۾ شرڪت جي اوهان ڀائرن کي دعوت ٿي ڏجي تہ تاريخ ٦ آگسٽ تي ضرور بہ ضرور پهچي وينداء ڇاڪاڻ تہ انهيءَ تي وهانءُ آهي وڌيڪ احوال روبرو ڪنداسين.

اوهان جو پاءُ

آدل خان

دل چيو ته ڪارڊ ڦاڙي ڇڏيان، پر! بابي جي ڊپ کان رکي ڇڏيم. ڏينهن ڳڻيندو رهيس. چوٿين تاريخ آئي بس ۾ سوار ٿـي خانواهڻ پهتس. سڄو پاڙو رنگا رنگي جهنڊين سان جرڪي رهيو هو، پر منهن جو اندر وري آگ ۾ چرڪي ۽ پڄري رهيو هو. گهنٽي وڄايم. ننڍڙو جاويد نڪري آيو. ساڻس گڏ جي اندر ويس. اندر اچڻ مهل منهن جي دل چيو ته ”خودڪشي ڪريان منهن جي محبت منهن جي اکين اڳيان انجي ۽ ماز.... مان خاموش تماشائي بنجي ويٺو ڏسان.“ پر ظاهر ۾ پاڻ کي خوش ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس.

بورچيخاني ۾ هوءَ مون کي اڪيلي نظر آئي. تکو تکو سندس ويجهو اچي چيم تـه ڇا اڪبر سان تنهن شادي، تنهنجي جي رضا خوشيءَ سان ٿـي رهي آهي؟“ شرميلي انداز ۾ چيائين ”ها“ ”پوءِ تو مون کي دوکو ڇو ڏنو“؟ مان جذباتي ٿي ويس.

”دوکو“ اکر ٻي رور ڏيندي چيائين:

”ها، دوکو .... دوکو .... دوکو ۽ ها اهو به ”مون تو کي ڪهڙو دکو ڏنو؟“

تو مون کي چيو هوته ”مان تو سان محبت ٿي ڪريان“ ها!. محبت تـه مان تـو سان اڄ بـه ڪريان ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر حقيقي ۾ پاڻيءَ واري.“

منهنجو سر چڪرائجي ويو. اُن سمجهي رهيو هوس ته جڻ منهن جي دل دڪ دڪ جي عوَضُ ٽال ڪري رکي آهي. سارو گهر ڦرندو نظر آيم. پوءِ ڪنن تي هٿ رکي سندس ڪنهن به آواز ٻڌڻ کان سواءِ تيز تيز قدمن سان گهر کان ٻاهر نڪري آيس.

"سرندا سريا، گيت گونجيا"

اڄ انهيءَ گهر ۾، جتان هر روز هلڪا ٺهڪڙا اڀرندا هئا ۽ پيار، محبت جون ڳالهيون ٿينديون هيون، اتان اڄ پيار جي گيتن، محبت جي ڳالهين ۽ هلڪن هلڪن ٺهڪڙن بجاءِ، هلڪا هلڪا سڏڪا اچي رهيا هئا. رڙئن جو آواز اچي رهيو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن تکي تکي هلڪن هلڪن ٺڪن جو آواز پئي. "شايد منظور کي اڄ وڌيڪ ڪونه مليو آهي، ان ڪري منهن جي ڍاڪائيءَ کي ماري رهيو آهي." مون کي خيال آيو، اهي هلڪيون هلڪيون ڇيخون منهنجي پڙهڻ ۾ خلل وجهي رهيون هيون.

منظور پاڙيسريءَ سان گڏ، منهن جو گهرو دوست به آهي. هو پرائيل آهي، ڪيس هڪ نيٺي به آهي هن جو پنهنجي زال سان تمام گهڻو پيار آهي، پر جڏهن ڪيس وڌيڪ نه ملندو آهي، تڏهن پيار وسري ويندو اٿس. هو ڊرائيور آهي. شهر جي هڪ مشهور ڪنجوس واپاريءَ جي ڪار هلائيندو آهي. هفتي ۾ هڪ ٻه دفعو پنهنجي گهر ايندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چلڻ ۾ گهر ايندو آهي ته هنن ٻن ڏاتين لاءِ ڇڻ عيد ٿي ويندي آهي. پر هونئن به جي منظور نه هوندو آهي ته ڏاڏائي حميدان ۽ سندس ڌيءَ حسينا پيار ڇا کيت ڪائيندڙيون رهنديون آهن.

”ٺڪ .... ٺڪ .... ٺڪ“ اوچتي دروازي کڙڪي منهنجي سوچن جي لغڙ کي ڪاٽا ڪري ڇڏيو. اٿي وڃي دروازو کوليم. سامهون منظور بيٺو هو ۽ اندر اچي ڪرسيءَ تي ويٺو. ”دلبر! آهي ڪا ڪاڏي ٻيتي جي شيءِ يا ڪ؟“ اوڻ سان سوال ڪيائين.

”مون ته اڃا ڪجهه به نه تيار ڪيو آهي.“ ”ڇو؟ ڀلا“؟ سوال پڇيائين ”بس يار ڇا! ڪريان ناول وٺي پڙهيم. سوچيم ته اڳو پرو پڙهي، پورو ڪري، پوءِ ٿي ڪاڏو تيار ڪجي.“

”اوه! پوءِ ته ڏاڍو سٺو .... ويري گڊ! اڄ جانور ڏي ته تنهنجي ڏاڏيءَ کان ٿا تيار ڪرايون. پوءِ گڏ جي ٿا کائون.“ ”واهه! ادا واهه!! پريان ڏيي ۾ جانور پيا اٿئي، ڪٿي هلي تيار ڪراءِ. مان ناول پورو ڪري اچان ٿو.“ هو جانور کڻي گهر ويو ۽ ڪجهه وقت بعد وري آيو ۽ چيائين ته، ”ساڄن! ۔ پتو ڀلا!! آهي ڪو وزم ٻزم“

"يارا مون کي پيندو ڏنو اٿيئي ڇا؟ جو مون کان ٿو گهرين! گهر وڃي انهن کان جيڪي پيندا ڏجن."
منهنجي جواب سندس وائيسر ڦيرائي ڇڏيا. آخري سهارو سڄهي مون وٽ آيو هو، پر مون به کيس نا اميد موٽايو."
مان سوچڻ جي اڌندڪاريءَ ۾ چڙهيس، سير سفر ڪرڻ لڳس "اڄ شايد کيس هڪ نه پر ٻن قسمن جي بک آهي. هڪ مانيءَ ٻي وڙم جي. ان ڪري نيٺ اچ ٻڌائيءَ کي ماريو اٿس".

سوچڻ جي ڪوه تان، مٿ ٻڙڻ وٺس. "منظور هڪ ته منهنجو پاڙيسري آهي ۽ ٻيو ته دوست، ان ڪري کيس ڪو ڏم هٽايان؛ نه ته هيلوڪي عيد سندس بنا خوشيءَ جي گذري ويندي." اهو سوچي کيس سڏ ڪيم. "منظور" "جيءُ" هن چيو. "هيڏانهن ته اچ" هو پريان ڦري آيو. کيس چيم، "ڀلا ٻڌاءِ! اگر توکي وڙم ٻڙم ڪرايان ته پوءِ ...." "پوءِ ته ٻهاريون ڏئي وينديون اٿني ڇا؟"

"ها .... ڏررڙو!" "پوءِ ڏي نه ڀلا!"

"اِهين ڏورڙي ڏيا!" مون بک نئي ڪڍي چيو.

"يار، ڀلاءُ نه، ڏوڙو ڪر. مون تي مهرباني ڪر."

"هڪ ڳالهه جو وعدو ڪر ته پوءِ!"

"وعدو" عجب ۾ پوندي چيائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ها .... وعدو" ...." چيم.

"ڪهڙو؟" پڇيائين.

"اهو ته تون ڀاڄائيءَ کي ڪڏهن نه ماريندين"

"نه بابا نه!" اهو وعدو ڪيئن ٿو ڪري سگهان.

"چڱو هڪ ڳالهه ٻڌ!" "ڪهڙي ٻڌاءِ!"

"اگر عورت کي ائين چڙي ڏبو، ته هوءَ مٿي تي چڙهي ويندي. توکي خبر آهي ته عورتن طوفان مطالبا ڪيا ٿا وڃن، ته ڪين مردن جيترا حق ڏنا وڃن. هاڻي تون ئي ڪٿي ٻڌاءِ، ته جي چپ ڪري ويهبو ته پيڙو نه ٻڌندو پيو ڇا ٿيندو." پساڻ مالڪ بنجي مون کي نصيحتون ڏيئي سمجهائڻ لڳو.

"اهو ته صحيح آهي پر تون سوچ نه، ته جيڪڏهن تنهنجي يا منهنجي پيءُ ڪنهن کي ڏنل هجي ۽ ان کي سندس مڙس ٿو وانگر ماروڻ ڏئي ته اسان کي ڪهل ڪونه ايندي." مون کيس سمجهايو.

"ڪهل ڇونه ايندي؟" تڪڙ ۾ چيائين.

پوءِ ڏس! ڀاڄائي به سهيل جي پيءُ آهي نه؟ اگر هوءَ بہ پنهنجا سور ان کي ٻڌائي ته ڪيئن ڪيڏو نه ڏک رسي. پر هوءَ سهيل کي ٻڌائي ٿي ته ٿي مٿان پاڻس کي ڏک نه رسي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ها يار! تون ڏيڍ ڏو چون.“

”اگر ڏيڍ ڏو چوان، ته وعدو ڪر ته اڳتي ڀاڄائيءَ کي نه ماريندين! مون کائنس وعدي وٺڻ لاءِ زور ڏيڻي چيو.

مان ڏه وعدو ڏو ڪريان ته اڳتي تنهجي ڀاڄائيءَ کي ڪڏهن به نه ماريندس پاڻ هار قبوليندي چيائين.

مان تنهنجي ان قدم تي بيحد خوش ٿيو آهيان، منظور ....!“

ائين چئي اسان هڪ ٻئي کي ڪُٽي پاڪر ۾ ورتو.

”هاڻي ڀلا ان خوشيءَ ۾ وزم ته ڪراءِ نه!“

”ها ڪوڙ وزم“ ائين چئي، مان اندر ڪمري ۾ ويس ۽ اتان اهو رڪيل وزم کيس ڪڍي ڏنم جو ٽيون ڏينهن ڪي دوست آيا هيا جن وزم حصا ڪري؛ پنهنجي پنهنجو حصو چڪيو هو پر مون پنهنجو حصو رکي ڇڏيو هو. وزم ملڻ ڪري هو ڏاڍو خوش ٿيو. جڏهن دم لڳائي موج ۾ آيو، تڏهن چيائين ته ”هاڻي بک لڳي آهي؛ جانور تيار هوندا هل ته هلي انهن سان وڙهت ڪريون.“

پئي اٿي. هن جي گهر آياسين؛ جتي ڀاڄائيءَ جانور تيار ڪري ڇڏيا هئا. اسان چارئي جٽا کائڻ کي جنبي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وياسين. ان وقت هڪ ڀيرو وري ان گهر ۾ ٽهڪڙو مچي
ويو جنهن گهر ۾ ڪجهه وقت اڳ غمن جا بادل
ڇانئجي ويا هئا. پر هاڻي اتي خوشي اهڙي اچي وئي
هئي، جيڪا ڪڏهن به ڪٿي نه ٿي سگهي. اڻ ڪٿ
۽ لازوال خوشي. ساڳيا پيار جا سرندا سريا ۽ سچپت
جا گيت الاپيا ۽ وري ساڳي عيد ٿي وئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڌڪ سان ...."

تازو سرڪار جو حڪم ٿيو، سرڏئون ڪاسٽيءَ پراڻا دڪان ڊهرائي انهن جي جاءِ تي نوان ۽ پڪا دڪان ٺهرائي ڏيڻ جي رٿ منظور ڪئي. پهريان ۾ هفتا ڪن تہ مالڪن پئي پراڻا دڪان ڊهرايا. جڏهن دڪان ڊهي ويا، ميدان صاف ٿي ويو تہ ڪجهہ عرصي بعد ٺيڪدار آيو ۽ اچي ان جاءِ واردات جو معائنو ڪيائين. پٺي ڏينهن وري هڪ ٽرڪ آئي، جنهن ۾ پڪيون سرون پيل هيون. سرن کي ڏسڻ سان ائين سمجهہ ۾ پئي آيو تہ سڀئين پڪل سرن جي ٺڪري کان پوءِ باقي بچيل ڪن ڪوڪڙ ۽ ڪنيون سنيون سرون ٽرڪ ۾ آهن.

هڪ تہ اگهيٺي سرون پڪل نٿل، اڌ ڪچيون اڌ پڪيون. ڏهہ ڏهہ سرون هڪ پئي سان ڳنڍيل، پئو وري ٽرڪ مان مزورن جي سرن اڇلائڻ جو انداز، بلڪل ائين هو، جو سرون سندن ڪنهن جاني دشمن جون هجن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون سوچيو ته ”انهن ڀڳل ٽٽل ۽ گدلين سرن مان وري ڪهڙا نوان ۽ پڪا دڪان ٺهندا“؟ پر ڪجهه هفتن جي طويل انتظار بعد مونهن جو اهو خيال غلط نڪتو. ڇاڪاڻ ته ان ڏينهن ڪجهه مزدور آيا هئا، جن جي هٿن ۾ ننڍڙيون ننڍڙيون هٿوڙيون ۽ هٿ جي آڱرين تي رٻڙ جون وڏيون چڙهيل هيون ۽ اچڻ مان سرن کي وٺي ويا. هاڻي ته ان جي دماغ جا دروازا کليا ۽ صحيح ساڄهه پيئي ته هي ڪنيون ميٺون سرون پيچيءَ فرش ۾ هڻندا، ساڳئي قسم جي پڪين سرن جي هڪ ئي ٺرڪ ڀرچي ويئي. هاڻي ته مزدور به وڏي ويا هئا ۽ سرن کي هٿوڙين سان ٺڪي، ٺڪر ٺڪر ڪري رهيا هئا.

اوچتو هڪ ڏينهن ٺيڪيدار ڪم جو جائزو وٺڻ آيو. مزدور به جيئن ئي ڪم ڪري رهيا هئا، تيئن ئي معائنو شروع ڪيائين پهريون مزدور:- هن مزور کي اس ڪان بچڻ لاءِ هڪ اچي غريباڻي ٽوپي پاتل هئي. هٿ جي پنجن مان ٽن آڱرين تي رٻڙ جون وڏيون چڙهيل هيس. نيري خميس ۽ سوٽي ڪپڙي جي گوڏ پهريل، پلٽي هنيون آهستي آهستي سرون ڪٽي رهيو هو.

”ڪم“ ٺيڪيدار جي وات مان نڪتو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيو مزدور:- شايدهيءُ مزدور تمام گهٽو غريب هو. انگوشي جي گوڏ ۾ ڍل، جاگوڏن کان سٺي ڪيس مس ڍڪي رهي هئي. سٺي اگهاڙو شايد ٽوپيءَ لاءِ ٻه ونس پئسا ڪين هئا. بت ته اگهاڙو هوس. اوڪڙو ويهي، سرون ڪٽي رهيو هو.

”گڏ“، ٺيڪيدار فرمايو.

ٽيون مزدور:- هي مزدور شايد ٻهرين ٻن جيان غريب نه هو. سندس مٿي تي سنڌي ٽوپي، بت تي گنجي ۽ ڪاڇ ۽ پاتل هيس. هي به پنهنجي ڌن ۾ مگن سرون ڪٽي رهيو هو.

”گڏ“ ٺيڪيدار صاحب وڦليو.

چوٿون مزدور:- هي مزدور تمام ڪراڙو هو. سندس هٿن تي رٻڙ جون ويڙهيون به چڙهيل ڪين هيون. شايد ڪم ڪري ڪري هري ويو هو. هن جي نرڙ تي سندس قسمت جون لڪيرون اڪريل هيو. جن مان سندس ڦٽل نصيب بابت سڀ ڪجهه سمجهه ۾ اچي رهيو هو. هن جا هٿ ٻين سڀني مزدورن کان تيز هلي رهيا هئا. سندس هٿن ۾ سرون جلدي جلدي منجي رهيون هيون. ڪيس صرف ڪاڇ پاتل هئي باقي لڳ سڀ اگهاڙا هيس. گهٽي ڪم ڪرڻ ڪري، پگهر سندس لونڊڙين وٽا نيسارا ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وهي رهيو هو.

”ويري گڊ“ ٺيڪيدار پنهنجي سيني ڏانهن اک ٺيٽ ڪندي چيو.

پنهنجي ڏانهن اک ٺيٽ ڪرڻ سان ٺيڪيدار کي هن ڪراڙي ۽ پنهنجي نوجوانن ۾ ڪجهه فرق محسوس ٿيو. هڪ ته ڪراڙي جي ٻڪل سرن جو ڍڳ پنهنجي جي ڏکڻ ڪان وڏيڪ وڏو هو. ٻيو ته هن ڪراڙي جي هٿ ۾ جيڪا سر آئي پئي، سا هڪ ڌڪ ۾ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ٿي ويئي. جڏهن ته پنهنجي هي هٿن ۾ ڌڪن ڌڪن لڳڻ جي باوجود سر مڪمل طرح نه ٿي ڀڳي. ٽيون ته جيڪا سر پنهنجي ڪان نه ٿي ڀڳي اها هو وري هن ڪراڙي ڏانهن اڇلائي رهيا هئا.

اڄ ٺيڪيدار صاحب کي پهريون ڀيرو ڏاڍا ۽ سچي گيهه ۾ فرق محسوس ٿيو هو. ڏاڍا تي ٻلبل اڄ جا نوجوان ڌڪن ڌڪن سان هڪ سر به ڀڃي نه ٿا سگهن پر اڳئين جڳ جا سچي گيهه تي ٻليل پوڙها، جن جي ڏورن ۾ ايتري تہ طاقت آهي، جو هڪ ڌڪ سان سچي سر کي ڌهه ٽڪرا ڪري ڇڏين.

سندس دل ۾ نوجوانن ۽ پوڙهن ۾ فرق بابت مٿيان لفظ ور ور ڏيئي گونجڻ لڳا. ”واقعي ڏاڍا، ڏاڍا آهي ۽ سچو، سچو آهي“. ائين چئي صاحب پنهنجي وڪ کي وڏايو ۽ جائزو وٺندو رهيو.

" پڙي ڪڏي پساهه .... "

"سان ڇري آهيان؟" پنهنجو پاڻ کان سوال پڇي ٿي.
"نه نه! بلڪل نه!! ائين نه آهي.... سان ڇري نه آهيان". پنهنجي سوال جو جواب پاڻ ئي ڏئي ٿي.
"پر ماڻهو جو چوڻ ٿا." وري به پاڻ کان ساڳيو ڏي سوال، "ماڻهن کي چوڻ ڏي. سندن وات کي ڪير تالا هڻندو؟"

شهر کان پري، تمام پري هڪ ڪڪائين پونگيءَ ۾ ويٺي، سوچي نه رهي آهي ۽ پنهنجو پاڻ کان سوال جواب به ڪري رهي آهي. "اوهه، منهنجي جگر جا ٽڪرا ارشد! تنهنجي ڪري مون ڪي ڪيتريون نه تڪليفون سهڻيون پئيون آهن، پر مان تڏهن به خاموش آهيان. پت جيان، پر تون.... تون نه ايترو سخت دل ٿي ويو آهين، جو پنهنجي ماءُ کي به منهن نٿو ڏيکارين!"
سوچيندي سوچيندي سندس اکين آڏو ماضي ڦرڻ لڳو.
جڏهن هنن شادي ڪئي هئي، تڏهن هو ڪيترو نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوش هئا. ڇاڪاڻ جو سندن شادي سندن چاهت مطابق ٿي ٿي هئي. ساڄن وچولي طبقي سان تعلق رکندو هو، اجائي خرچ نه هئڻ ڪري هنن جو وقت سٺو پيو گذرندو هو. ڀهرئين سال هنن کي هڪ پٽ ارشد ۽ ٽئين سال هڪ ڌيءَ ملوڪان ڄائي.

ارشد ننڍي هوندي کان ڏاڍو ذهين هوندو هو، ان ڪري کيس اسڪول ۾ داخل ڪرايائون. هن پنجون درجو پهريون نمبر حاصل ڪري پاس ڪيو. کيس انگريزي اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. هو اتي به هوشياريءَ سان پڙهندو رهيو. هڪ ڏينهن هن هڪ واچ لڌي، جيڪا هن هيڊ ماستر کي ڏيڻ ٿي چاهي، پر ان کان اڳ جو هو اها واچ هيڊ ماستر کي رسائي، استاد کيس ڏسي ورتو ۽ کيس اهڙي مارڊنائين، جهڙي اَٽ کي پٽڻ تي ڏبي آهي؛ ان ڏينهن کان پوءِ هو اسڪول کان ائين ڀڄڻ لڳو، جيئن ڪانءُ ڪمان کان.

سندس اسڪول نه وڃڻ، گسائڻ ۽ دل لائي نه پڙهڻ ڪري کيس ڪيترائي ڀيرا ساڄن به مار ڏني هئي، پر هاڻي هو اصل نه مڙيو ڇاڪاڻ ته هن سمجهيو ته ”هٺ سچائيءَ جو ملهه ڀادر آهن.“ سندس افعال سڌارڻ لاءِ ساڄن کيس هڪ ريزڪي دڪان کولي ڏنو جتي هو

زور شور ۾ ڏام ڏوم سان ڪمائڻ لڳو. ٿوري وقت ۾ سندس دوستيءَ جو حلقو وسيع ٿي ويو ايتريقدر جو هو جيڪي ڪمائيندو هو، ان ڪان به وڌيڪ کپائي ڇڏيندو هو. تان جو ٿوري عرصي اندر ٻيڙو گول ڪري ويهي رهيو.

ساجن هن کي ڏاڍو سمجهايو ۽ اٽڪل سال کن گذرڻ بعد هن کي وري ريلوين جي دڪان تي ٻهار پائين. ٿوري وقت اندر جلدهن هو سمورو ڪم سکي ويو، تڏهن ڪيس پٽس هڪ ريلوين جو دڪان ڪيڏي ڏنو. سندس وڇڙيل دوست، جيڪي هن کي سچو ۽ سڪٽو سمجهي، ڇڏي ويا هئا، سي هڪ ڀيرو وري سندس سچا ساٿي بڻجي ويا ۽ ڪيس اوياريون لهواريون، هيٺيون مٿيون ڳالهيون ٻڌائي، خوش ڪري صدقي جو ٻڪرو سمجهي هرڪو ڦرڻ ۾ لڳڻ لڳو. ايتريقدر جو ٿوري وقت ۾ سامان تہ ٺپ آف ٿي ويو، پر ٻاڻي رهيل سائيڪل، دڪان جو پکو ۽ ڪجهہ ٻيو سامان بہ چوري ٿي ويو.

سندس پيءُ جيڪو ڪئين ڀيرا زهر جو ڍڪ پري خاموش ٿي ويو هو، تنهن جي صبر جو پيالو هاڻي لبريز ٿي ڇوليون ڪائي هيٺ هارجڻ لڳو. آخر هن کي گهر مان ڪيڏي ڇڏيائين. اوهتو هڪ ڏينهن قانون جي محافظن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي جيب پرچي ساڄن جي گهر جي در تي آئي. هو مڪمل ٻه ورهيه هئا. ساڄن کي ڪجهه پڌائڻ بنان ئي ”لوهه جون چوڙيون“ پارائي ”پناهه گاهه“ ڏانهن وٺي ويو. پوءِ ڏينهن خبر پيئي ته ارشد هڪ دوست کان پنج هزار رپيا اڌارا ورتا هئا ۽ واپس نه ملڻ ڪري هن اها قانوني ڪارروائي ڪرائي هئي.

ساڄن سرڪاري پناهه گاهه جي عملدارن کي خرچي ڏيئي مهلت ورتي. هن پنهنجي سموري زمين وڪڻي، وياج سميت پئسا ارشد جي دوست کي ادا ڪيا ۽ جيل جي عملدارن جي کيسن گرم ڪرڻ تي خرچ ڪيائين. باقي جيڪي پئسا هن وٽ بچيا هئا، انهن کي ٻن حصن ۾ ورهائي، هڪ مان ريڍون ۽ ٻڪريون ڏڪن جو قرض لاٿائين ۽ باقي اڌ آئينده جي اوني لاءِ رکي ڇڏيائين.

آخر زال جي ڏوراپن ۽ ڄڃ جي ٺوڪن کان بچڻ لاءِ هو ارشد کي پرچائي گهر وٺي آيو ۽ سندس شاديءَ جو بندوبست ڪرڻ لڳو. اڄ ماهه جي آخري اميد پوري ٿي هئي. سندس لعل جيءَ هٿن تي به لال لال مينديءَ لڳل هئي ۽ سندس هنج ۾ نوران هئي. ساڄن جيڪي پئسا بچائي رکيا هئا، انهن مان اڌ ارشد جي شاديءَ تي خرچ ڪيائين ۽ باقي اڌ پنهنجي نياڻيءَ نوڪان کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاج ۾ ڏيئي ڇڏيائين. هاڻي ساڄن جي ٻـي ڪا ب اميد ڪانه هئي. هن پٽ کي به پرڻائي ڇڏيو ۽ ڏيڻ جـو بار به لاهي ڇڏيائين.

سال کن سڪونت پري زندگي گـذارڻ بعد هڪ ڏينهن ارشد ساڄن کي چيو ته، ”بابا! سون کي ڪجهه پئسا ڏيو ته مان ڪو ڌنڌو ڪريان.“ ”پٽ، ٻني به تنهنجي افعالن تي خرچ ڪري ڇڏيم جيڪو پئسو ڏوڪڙ هو، اهو به ته تنهنجون ئي چٽيون ڀر ڀرم. هاڻي تون ئي ڪٿي ٻڌاءِ، تـه پئسا ڪٿان آڻيان؟“ سـاجـن کـيـس سمجهائيندي چيو.

”اها سنهنجي فرمائش آ، چاهت آ، اگر پوري نـه ڪئي ويئي ته نتيجو وري به اوهان کي ئي ڀوڳڻو پوندو.“ ارشد ڪاوڙ مان چيو.

”مان تنهنجو پيءُ آهيان ۽ نـه ڪي نوڪر. تون منهنجي آڏو ائين ٿو ڳالهائين؟ نالائق توکي شرم نـه ٿو اچي. پٽ چڱا ڀلا نياڻا آهن ته هو وڏا ٿي، پوڙهي پيءُ ماءُ جـي سارنهن نـه ان لاءِ تـه سندن فرمائشون پوريون ڪجن.“ ساڄن جذبات ۾ اچي ارشد کي هڪ چماٽ هنئي. ارشد چماٽ کائي، گهر کان ٻاهر نڪري ويو الائي ڪيڏانهن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماجن پٽ جا سور نہ سهي هن دنيا مان موڪلائي هليو ويو. هوڏانهن نوران کي مائٽن طويل عرصي گذرڻ بعد هڪ ٻئي شخص سان شادي ڪرائي ڇڏي. ٻڍي سندس اڪيلي ماءُ سفوران روزانو اٿ کي نيڪيندي، پنهنجي وڇڙيل پٽ کي ووڙڻ لاءِ شهر ڏانهن ويندي آهي ۽ هن آسري ۽ اميد تي پيئي جيئندي آهي ته من ڪڏهن منهنجي جگر جو ٽڪرو موٽي اچي.

اهڙيءَ طرح هوءَ روز اٿ هٿ ۾ کڻي، ڀُوڙي مان ٽڪري پٽ جي ڳولا لاءِ شهر ڏانهن ويندي هئي ۽ واٽ مان دل ئي دل ۾ چوندي ويندي هئي ته "ٻئي کٽي پساهه ...."

"منهنجا مشاهدا"

(۱)

اڄ اسڪول جي پڙهائي ڪي شروع ٿئي اڃا ٻه ڪلاڪ مس ٿيا هئا تہ اوچتو پيرڊ پورو ٿيو. استاد ڪلاس مان نڪري هليو ويو. مون پوواري دوست منٺار کان پڇيو.

"ڇا جو پيرڊ آهي؟" "ٻي ٽيءَ جو آهي" وراڻيائين.
"سائين ٻي ٽيءَ وارو موڪل تي آهي. عارضي طور تي هيڊ ماستر سائين فضل الدين ڪي اچڻو هو." مان اڃا اهو سوچي رهيو هوس تہ سائين اچي ويو.

سائين فضل الدين جو تہ اسان وٽ پيرڊ ڪونہ هوندو آهي پر ڪڏهن ڪڏهن عارضي طور هوايندو آهي. جڏهن هو اسان جي ڪلاس ۾ عارضي طورايندو آهي تہ ساڻس دل کولي ڪچهري ڪندا آهيون. سندس ان عارضي پيرڊ کي اسان "ڪچهريءَ جو پيرڊ چوندا آهيون.

اڄ بہ ان ڪچهريءَ جي پيرڊ ۾ موقعي جي تاڙ وٺي مون استاد کي چيو" سائين، مون ٻڌو آهي تہ اوهان وٽ هڪ وڏي لئبرري آهي ڇا اهو سچ آهي؟"

”ها، اهو سچ آهي پر اوهان وانگر مون وٽ ناول ڪهاڻيون ۽ شاعري وغيره جا ڪتاب ڪونہ آهن. مون وٽ رڳو اسلامي ديني ڪتاب آهن.“

”سائين مون وٽ ڪجهہ سنڌي اسلامي ڪتاب آهن، جيڪي مان اوهان کي ڏيڻ چاهيان ٿو، ڇاڪاڻ جو اوهان وٽ اسلامي لئبرري آهي، جي ڇئو تہ اوهان کي ڏيان.“

”نہ“ دراصل مان اردوءَ کان سنڌي ڪتاب گهٽ پڙهندو آهيان، ان ڪري اگر تو وٽ اردو اسلامي ڪتاب هجن تہ ڀلي ڏي. باقي جي سنڌي اٿيئي تہ نہ.“

منهنجو مٿو ڦرڻ لڳو، تہ ڇا جيڪو استاد سنڌي آهي، اهو پنهنجي ٻوليءَ جي ڪتابن پڙهڻ کان عاري ڪري؟ ڇا جنهن ٻوليءَ ۾ ڪيس سندس ماءُ لولي ڏني آهي، ان کان ڪيس نفرت آهي؟ .... آخر ڇو؟

(٢)

مان بنيادي طرح لچارو آهيان، ان ڪري مانٽن مٿن ڏانهن گهٽ ويندو آهيان ۽ ڪين گهٽ سڏائيندو آهيان. خاص ڪري عورتن کي، ڇا ڪاڻ جو مرد تہ ڪڏهن ڪڏهن وات ويندي بہ ملي ويندا آهن.

تنهن ڏهاڙي ڪي مائٽ اسان جي گهر آيا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اما ڪان پيچڻ تي خبر پئي ته اهي چاچو ۽ چاچي هئا. هنن سون کي تمام گهڻيون مٺيون ڪيون ته ”ڪڏهن نه ڪڏهن سان سندن گهر وڃان“ هڪ ڏينهن واندڪائي ملي ويئي. سو چاچا جن جي گهر ويس. گهر ۾ هڪ چاچو، چاچي، هڪ سوٽ ۽ سوٽ هئا. انهن چئن ڄڻن جي خوشگوار ماحول ۾ ڏاڍو سڪون لڳو پيو هو. هو سون کي ملي ڏاڍا خوش ٿيا. زور ڪري سون کي هڪ کٽ تي ويهارياڻون، جنهن جي سيرانديءَ کان عمدي قسم جو وهاڻو ۽ پيرانديءَ کان اعليٰ قسم جي ڏڪ جي رلهي پيئي هئي. وهاڻو ۽ رلي پئي نمائش ۾ رکڻ جهڙا هئا. پرسان ٽيبل تي هڪ ريڊيو پيو هو. ريڊئي وڄائڻ لاءِ سون سندس بوچ ڦيرايو. پر سر .... ر .... ر .... کان سواءِ ڪجهه نه ملئو. منهن جي سوٽ جيڪا، منهن جي ئي پرسان ڪپڙا بيگ ۾ وجهي رهي هئي، آئي ۽ منهنجي خواهش جي تڪميل لاءِ هڪ بوچ ڦيرائي، ڪراچي ريڊيو اسٽيشن ڏيئي وئي، اڳيئن جيان بيگ ۾ ڪپڙا وجهڻ لڳي. ريڊئي تي هڪ اردو گانو وڄڻ لڳو ”حيدرآباد ڪٿي لڳندس ادي؟“ سون کانئس پڇيو. ”حيدرآباد تي سنڌي گانا هوندس“، هي سنڌين کان سٺا آهن. سنڌين ۾ وري ڇا

رکيو آهي؟" پاڻ ليڪچر ڏيندي چيائين.

دل کي سخت ڌڪو لڳو. سوچڻ لڳس ته سنڌي ڳائڻا کهڙا خراب آهن. سيد سليمان شاه، محمد يوسف منظور علي خان، جمن، مائي ڀاڳي، محمد ابراهيم ۽ زرينه بلوچ جهڙا ڳائڻا طالب المولي، قمر شهباز، امداد حسيني، منظور نقوي وغيره جهڙا شاعر آهن ته به سنڌي ڳائڻا خراب آهن. منجهن ڇا رکيو آهي؟ مون يڪدم ريڊئي کي بند ڪري ڇڏيو.

(٣)

منهنجي پڦي فلمن ڏسڻ جي شوقين آهي. هوءَ هر سٺي فلم تي ويندي آهي. جڏهن به هوءَ اسان جي گهر ايندي آهي، تڏهن مون کي چوندي آهي ته "جڏهن ڪا سٺي فلم لڳي ته ٻڌائجانءِ"

هوءَ پڦڙ کان چوريءَ فلم تي ويندي آهي. منجهند جي ماني ڪري، پڦڙ ڏانهن موڪلي، ٽين بجي واري شوءَ تي هلي ويندي آهي ۽ وري واپس ڇهين بجه پڃي ايندي آهي. پڦڙ ته صبح جو دڪان تي ويندو آهي ۽ رات جو ڏهين بجي ورندو آهي، ان ڪري پڦي آزاديءَ سان فلمون ڏسندي آهي ۽ کيس هڪ ڇڙن مٽائن جو پٽ آهي، جيڪو فلم تي ڪڏ وٺي ويندي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون اڄ ٽائين سندس عرض نه اُڪلايو هو. اڄ جڏهن سنڌي فلم ”سنڌڙيءَ تان صدقي“ لڳي، تڏهن ٻڦيءَ جي حڪم جي تعميل لاءِ سندس گهر ويس. گهر ۾ ننڍڙو الطاف گولين سان راند ڪري رهيو هو ۽ ٻڦي چانهه ٺاهي رهي هئي. مون ڪيس چيو، ”ٻڦي اڄ بهترين سنڌي فلم ”سنڌڙي تان صدقي“ لڳي آهي. هلين ته وٺي هلانءِ؟“

”سنڌي فلمن ۾ وري رکيو ڇا آهي! اهائي ڪندا ٻڪ ٻڪ يا وري ڪندا اردوءَ تان نقل. منجهن نه ڪلبن جون ڊانسون نه ٿي وري ڪا ڇوڪري ڊانس ٿي ڄاڻي. تو اها فلم سٺي سمجهي آهي. سٺي فلم لڳي ته ٻڌائين ڪونه، باقي خراب لڳي آهي ته آيو آهين ٻڌائڻ“.

سندس جملا هٿوڙا بڻجي منهنجي مغز ڪي ڇچري رهيا هئا. مان اٿيس ۽ سندس چانهه جي صلاح ڪي ٺڪرائي هليو آيس. سوچيم ته سنڌي اهڙا بي غيرت نه آهن، جو هو نيم عريان عورتن ۽ ڪلبن جي فحش ڊانسن سان فلمن کي فلمائين.

جنت جي آسري

وڪريل وڪريل اٽيا وار، ٻڳهر ۾ شل مٽي تي ڇنل ٻوٽي. چولي کي چوڏهن چتيون ۽ سٿڻ کي سورهن چتين کان سواءِ ڪيترائي سوراخ پڻ پيرن ۾ ڇنل ۽ ٽٽل چمپل، جنهن جو هڪ پادر پلاسٽڪ جو تہ ٻيو ربڙ جو – هن جي حالت رحم جوڳي هئي. هٿ ۾ هڪ پنو هوس اچي دڪان جي در وٽ بيٺي. مون گراهڪ سان منهن ڏيئي، جلدي جان ڇڏائي، هن ڏانهن متوجه ٿيس.

هن پنهنجي هٿ ۾ جهليل ۽ پگهر ۾ ٻسيل پنو مون ڏانهن وڌايو. جيئن تہ مان سندس حال معلوم ڪرڻ لاءِ بيتاب هوس سو مون پنو جلدي هن کان ورتو. پني تي سرسري نظر ڊوڙايم جو اردوءَ ۾ لکيل هو ۽ ان تي ڪنهن جي بہ صحيح ٿيل ڪانہ هئي. ان جو مطلب اهو هو تہ ”هيءَ عورت تمام غريب آهي. گونگي ۽ ٻوڙي هئڻ سان گڏ ڏاڍي ڏکويل پڻ: هن جا ٻہ پٽ ٽي نياڻيون بيماريءَ وگهي گذاري ويئون آهن. هن جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڙس بيمار آهي ۽ اسپتال ۾ زير علاج آهي. اوهان کي گذارش ٿي ڪجي ته پنهنجي طاقت آهر، هن جي مدد ڪريو ته خدا اوهان کي جنت ۾ جاءِ ڏيندو“

پيش امام جامع مسجد حويليان

مان سوچن جي وهڪري ۾ وهي ويس ۽ جنت متعلق سوچڻ لڳس ته جنت ۾ باغ هوندا، ميوا هوندا، ماکي ۽ کير جون نهرون هونديون غلمان هوندا، حورون ۽ الائي ڇا ڇا هوندو. اوچتو هڪ گراهڪ جي اچڻ تي منهن جي سوچن جو نغز ڪاٽو ٿي ويو. مون پنو هن کي واپس موٽائي ڏنو ۽ چيومانس ته ”مون کي پتو ڪونه ٿو پوي ته هن چٺيءَ ۾ ڇا لکيل آهي ۽ مان ايترو پڙهيل نه آهيان. تون مون کي ٻڌاءِ ته هن چٺي جو مقصد ڇا آهي؟ ۽ تون پنهنجي تڪليف ٻڌاءِ. ٿي سگهي ٿو ته ان ڏس ۾ تنهنجي ڪجهه نه ڪجهه مدد ڪري سگهان.“

هن جو مون کي ماڊو گهوٽائو ڏٺو ۽ سمجهيائين ته جائي به اڻ پڙهيل آهي، ان ڪري هن نه اهو لکيل سمجهيو هوندو ۽ نه وري منهن جي حال جو ڪيس پتو پيو هوندو، سويڪدم روئڻ هارڪي اردو گڏاڙل پنهنجي مادري زبان ۾ جيڪي ڪجهه ٻڌائين، ان جو مقصد هو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ”مان بيمار آهيان، غريب آهيان، پرديسڻ آهيان، پنهنجي ڳوٺ ڏانهن وبندي، منهنجو مڙس بيمار ٿي پيو آهي مون وٽ اهو پئسو نہ آهي، جو ڪيس ڪنهن اسپتال ۾ داخل ڪرائي علاج ڪرايان يا ڳوٺ تائين پهچايان. ان ڪري اوهان کي مخبي ٻڌرد ڏسي، اوهان ڏانهن آئي آهيان. جيڪي اوهان منهنجي مدد ڪندا. تہ هڪ طرف منهن جي مڙس جي حياتي بچي پوندي ٻئي پاسي اسان ڳوٺ پهچي وينداسين ۽ ٽئين طرف ڪجهہ پئسن ڏيڻ ڪري اوهان کي جنت نصيب ٿيندي.

مون يڪدم ڪجهہ پئسا هن جهوليءَ ۾ وڌا مون اڇي پهرين ٻن پاسن يعني هن جي مڙس جي مهتاجي ۽ سندن ڳوٺ پهچڻ ڪري ڪونہ ڏنم باقي ٽئين پاسي لاءِ ڏنم يعني جنت جي آسري.

ظفر عباسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظفر عباسي — ٻي اپريل
١٩٦٤ع تي تعلقي ڪنڊياري
جي آباد ڳوٺ ۾ ڄائو.
پرائمريءَ کان [illegible]ڪ تائين
تعليم ڪنڊياري شهر ۾
ورتائين ۽ ميٽرڪ فرسٽ
ڊويزن ۾ پاس ڪيائين.
هو ڊاڪٽر ٿيڻ چاهي پيو،
پر [illegible] پين حالتن ڪيس
ان جي اجازت نه ڏني ۽ هاڻ [illegible]و پاڻ به نٿو ڄاڻي
ته ڇا ٿيندو!
ننڍي هوندي [illegible] هن [illegible] ۽ احساس
ڪمتريءَ قلم کڻڻ تي مجبور [illegible] هن لکيو ڏاڍن
جي ڏاڍ تي [illegible]ڪيو، مارن جي محبت تي لکيو، پنهنجن جي
[illegible] تي لکيو، [illegible]اشري جي ناسورن تي لکيو ۽ .... ۽
[illegible]ڳيءَ جي هر [illegible] تي لکيو. انهن لکڻين مان ڪن
[illegible]ن ڪهاڻين کي هن "[illegible]" مجموعي
۾ آندو آهي.
ظفر [illegible] جو سيڪريٽري، ڇهه
مهينا ڪن ينگ [illegible]س گروپ [illegible] سيڪريٽري، ڪجهه
وقت [illegible] سنگت جو تعلق [illegible]
يارن جي محفل جو ضلعي [illegible]
هن وقت سنڌس [illegible] آهي ته "[illegible]ان
سواءِ، باقي سڀ تنظيمون مفاد [illegible]
مد نظر رکندي، پنهنجي مدد [illegible] اصول
تحت، هن ڪنڊياري شهر ۾ ساٿي [illegible]ن جو بنياد
وڌو آهي، جنهنجو پهريون ڪتاب [illegible] ڪهاڻين جو
مجموعو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙھندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاڙو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪل اٽجاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com